جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاه

جلد 16 | چنڇر 26 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 13 ربيع الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 345

# جعلي خبرن جي روزاني بنياد تي نگراني ٿيندي: شرجيل ميمڻ

سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل ميمڻ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو، جنهن ۾ جعلي ۽ گمراهه ڪندڙ معلومات جي روڪٿام لاءِ قدمن جو جائزو ورتو ويو

ڪوڙين ۽ گمراهه ڪندڙ معلومات ذريعي ڪنهن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش برداشت نه ڪئي ويندي : صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ

جعلي خبرن جي روڪٿام لاءِ قومي سائبر ڪرائم تحقيقاتي اداري کان به سهڪار ورتو ويندو مين اسٽريم ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي جعلي خبرن جي روزاني بنياد تي نگراني ڪئي ويندي

جعلي خبرن جي نشاندهي لاءِ سنڌ جي اطلاعات کاتي ۾ مانيٽرنگ جو نظام قائم ڪيو ويندو

شرجيل ميمڻ موجب جعلي خبرون ڦهلائيندڙن ۽ پکيڙيندڙن خلاف ڪارروائي لاءِ قومي سائبر ڪرائم تحقيقاتي اداري سان سهڪار وڌايو ويندو

سنڌ حڪومت جو بيانيو امن، برداشت، هم آهنگي ۽ قومي اتحاد تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ سمورن طبقن جي نمائندن کي شامل ڪيو ويندو

ڪراچي ( رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل ميمڻ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ جعلي ۽ گمراهه ڪندڙ معلومات جي روڪٿام لاءِ قدمن جو جائزو ورتو ويو. اجلاس دوران شرجيل ميمڻ چيو ته ڪوڙين ۽ گمراهه ڪندڙ معلومات ذريعي ڪنهن کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش برداشت نه ڪئي ويندي، جڏهن ته جعلي خبرن جي روڪٿام لاءِ قومي سائبر ڪرائم تحقيقاتي اداري کان به سهڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ اجلاس جي صدارت ڪندي

## اسحاق ڊار جي سنگاپور جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر ويوين بالا ڪرشنان سان ملاقات

نيويارڪ ( م ڊ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار نيويارڪ ۾ گڏيل قومن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

## اسحاق ڊار جي اينٽيگوا ۽ باربوڊا جي پرڏيهي وزير سان ملاقات

نيويارڪ ( م ڊ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار اينٽيگوا ۽ باربوڊا جي پرڏيهي وزير اي پي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

# وزيراعظم شهباز شريف جي آمريڪي واپارين سان ملاقات، پاڪستان ۾ سيڙپ جي دعوت

وزيراعظم شهباز شريف آمريڪا جي ڪاروباري ادارن کي پاڪستان جي زراعت، معدنيات، آءِ ٽي، مصنوعي ذهانت جي ڍانچي سيڙپڪاري جي دعوت ڏني

جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي موقعي تي آمريڪا جي "بزنس ڪائونسل فار انٽرنيشنل انڊراسٽينڊنگ" (BCIU) ۽ "يو ايس-پاڪستان بزنس ڪائونسل" (USPBC) جي وفدن سان ملاقات

ملاقات ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي، مصنوعي ذهانت، ماليات، مشروبات، صنعتڪاري، دواسازي ۽ ناميااتي شين جي شعبن سان لاڳاپيل ڪاروباري شخصيتن شرڪت ڪئي

شهباز ڪاروباري نمائندن کي پاڪستان جي انهن پاليسين بابت آگاهه ڪيو، جن کي هن ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري لاءِ سازگار قرار ڏنو

ان سان گڏ معيشت جي مختلف شعبن کي ترقي ڏيڻ لاءِ کنيل قدمن کان پڻ آگاهه ڪيو هن ٻنهي ڪائونسلن کي "اسلام آباد ۽ واشنگٽن وچ ۾ بهترين پل" قرار

پاڪستان امن جي فروغ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي ۽ اميد رکي ٿو ته "دوستن ۽ برادر ملڪن" جي مدد سان خطي ۾ ڏگهي مدي وارو امن قائم ڪرڻ ۾ مدد ملندي

نيويارڪ( م ڊ)وزيراعظم شهباز شريف آمريڪا جي ڪاروباري ادارن کي پاڪستان جي زراعت، معدنيات، آءِ ٽي، مصنوعي ذهانت جي ڍانچي سيڙپڪاري جي دعوت ڏني آهي. هن اها دعوت نيويارڪ ۾ آمريڪي ڪاروباري ڪائونسلن سان ملاقات دوران ڪين ڏني ۽ چيو ته پاڪستان ۾ وڏا موقعا آهن. شهباز شريف گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي موقعي تي آمريڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

نيويارڪ: وزيراعظم شهباز شريف سان آمريڪي واپاري ملاقات ڪندي

## مڪہ مڪرمہ گڏيل دفاعي معاهدي تحت ادارتي ڍانچن جي قيام تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو: اسحاق ڊار

مڪہ مڪرمہ گڏيل دفاعي معاهدي تحت ادارتي ڍانچن جي قيام تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو

نيويارڪ ( م ڊ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته سعودي عرب جي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان السعود /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

## پارليامينٽ ۾ 174 قانوني ترميمون پيش ڪرڻ جو فيصلو

ناڻي واري وزارت جي سيڪريٽري امداد الله بوسال آءِ ايم ايف سان جاري پروگرام، ايندڙ قسط ۽ ٻين معاشي معاملن بابت بريفنگ ڏني

اجلاس دوران آءِ ايم ايف پروگرام سان لاڳاپيل شرطن ۽ انهن تي عملدرآمد جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

ناڻي واري وزارت جي سيڪريٽري ٻڌايو ته مجموعي طور 174 ترميمون آهن

اسلام آباد (بيورو) آءِ ايم ايف پروگرام جي شرطن تي عملدرآمد لاءِ پاڪستان جي پارليامي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

## اسلام آباد جي داخلي رستن تي ڪنٽينر لڳائي رستا بند، رينجرز مقرر

وفاقي گادي واري هنڌ اسلام آباد جي داخلي رستن تي ٽريفڪ جا مسئلا شروع ٿي ويا آهن

موٽروي ايم ون جي ٽول پلازا تي ڪنٽينر لڳائي هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ رستو بند ڪيو ويو آهي

اسلام آباد ( بيورو) اسلام آباد جي داخلي رستن تي ڪنٽينر لڳائي رستا بند، رينجرز مقرر وفاقي گادي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي اينٽيگوا ۽ باربوڊا جي پرڏيهي وزير سان ملاقات ڪندي

## يو اين پاران سمنڊ جي وڌندڙ سطح خلاف اپائن بابت ٺهراءُ منظور

اسان ملڪن ۽ ثقافتن کي لهرن هيٺ غائب ٿيڻ جي اجازت نٿا ڏئي سگهون، ۽ نه ئي اربين ماڻهن جون اميدون سمنڊ ۾ ٻڏي وڃڻ ڏئي سگهون ٿا : انتونيو گوتريس

هي اعلان ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ جاري ڪوشش کي نئين رفتار ڏيڻ جو مقصد رکي ٿو

ڪمزور ملڪن کي سندن موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ جي منصوبن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ مالي مدد فراهم ڪرڻ شامل آهي

نيو يرڪ( م ڊ)گڏيل قومن خميس ڏينهن متفقه طور هڪ ٺهراءُ منظور ڪيو، جنهن ۾ سمنڊ جي وڌندڙ سطح کي منهن ڏيڻ لاءِ وڌيڪ مضبوط قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو ويو. سمنڊ جي سطح ۾ اضافو هيٺاهين وارن ٻيٽ نما ملڪن لاءِ وجودي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

## "الله تي توڪل رکو ۽ ثابت قدم رهو" حوثي حملن کي منهن ڏيندڙ سعودي فوجين کي مفتي اعظم جي هدايت

شيخ صالح بن فوزان الفوزان حوثي باغين کي سعودي عرب جي امن ۽ استحڪام لاءِ خطرو قرار ڏيندي سندن ڪارروائين جي مذمت

مفتي اعظم محاذ تي موجود سعودي فوجين ۽ اتحادي فوجن کي متحد ٿي حوثي حملن جو مقابلو ڪرڻ جي هدايت

اهلڪارن کي فرضن جي ادائيگي دوران الله تي ڀروسو رکڻ ۽ ثابت قدم رهڻ جي هدايت پڻ ڪئي

رياض ( م ڊ)سعودي عرب جي مفتي اعظم ۽ مجلس علماءَ جي سربراهه شيخ صالح بن فوزان الفوزان حوثي باغين جي حملن جي مقابلي ۾ سعودي ۽ اتحادي فوجن کي ثابت قدم رهڻ ۽ صفن ۾ اتحاد برقرار رکڻ جي هدايت ڪئي آهي. شيخ صالح بن فوزان الفوزان حوثي باغين کي سعودي عرب جي امن ۽ استحڪام لاءِ خطرو قرار ڏيندي سندن ڪارروائين جي مذمت ڪئي. پنهنجي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

## جمهوريت جي استحڪام ۾ اخبارن جو غيرجانبدارانو ۽ متوازن ڪردار قابل قدر آهي: آصف زرداري

معاشري جي وسيع ترمفاد ۾ سماجي ۽ اقتصادي، مذهبي ۽ سياسي مسئلن سان گڏوگڏ پرڏيهي پاليسي تي مناسب ڌيان ڏيندا

رياست ۽ معاشري بابت ۽ فيصلاسازن کي جوابده بڻائڻ جي حوالي سان ان جي ذميوارين جي ياد ڏياري

اخبارون اڄ به عوامي راءِ جي جوڙجڪ ۽ باخبر شهري معاشري جي فروغ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

اڄ بدلجندڙ ميڊيا جي ماحول ۾ اخبارن جو مطالعو هاڻي رڳو مطبوعه صحفن تائين محدود ناهي رهيو

اسلام آباد ( بيورو) صدر آصف علي زرداري نوجوانن کي اخبارن جي مطالعي جي عادت اختيار ڪرڻ تي زور ڏيندي چيو آهي ته جمهوريت جي استحڪام ۾ اخبارن جو غيرجانبدارانو ۽ متوازن ڪردار قابل قدر آهي. اميد آهي ته اخبارن جا ايڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

## نيشنل بئنڪ پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اگهه جاري

ڪراچي (رپورٽر) نيشنل بئنڪ آف پاڪستان مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

## افغانستان جي طالبان حڪومت سمورن شاهدين باوجود دهشتگردن جي سرپرستي کان لاڳيتو انڪار

اسلام آباد(بيورو) افغانستان جي طالبان حڪومت سمورن شاهدين باوجود دهشتگردن جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

بڪو: وفاقي وزير عبدالعليم خان تقريب ۾ شريڪ آهي

## عالمي دل جي ڏهاڙي 2026ع جي موقعي تي عوامي آگاهي پروگرام 29 سيپٽمبر 2026ع تي محمد علي جناح آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪيو ويندو

ڪراچي(رپورٽر) عالمي دل جي ڏهاڙي 2026ع جي موقعي تي عوامي آگاهي پروگر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

## ملڪ جي چونڊ ضلعن ۾ پوليو جي روڪٿام واري خاص مهم پنجين ڏينهن به جاري

مهم جي پهرين چئن ڏينهن ۾ 2 ڪروڙ 65 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريا ويا

ملڪ جي چونڊ ضلعن ۾ پوليو جي روڪٿام جي خاص مهم 21 کان 27 سيپٽمبر تائين جاري رهندي

اسلام آباد (بيورو) ملڪ جي چونڊ ضلعن ۾ پوليو جي روڪٿام واري خاص مهم پنجين ڏينهن به جاري رهي. نيشنل ايمرجنسي آپريشنز سينٽر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

## عراق ۽ آمريڪا ۾ معاهدو، بغداد ايئرپورٽ تي واقع آمريڪي سفارتخاني جو ڪنٽرول مقامي انتظاميه حوالي

عراق جي نائب پرڏيهي وزير محمد حسين ۽ عراق ۾ آمريڪي سفارتخاني جا انتظام سنڀاليندڙ اسٽيون فگن معاهدي تي صحيحون

عراق جي نائب پرڏيهي وزير محمد حسين ۽ عراق ۾ آمريڪي سفارتخاني جا انتظام سنڀاليندڙ اسٽيون فگن معاهدي تي صحيحون

اهو قدم ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن خاص طورتي اقتصادي، ترقياتي ۽ توانائي جي شعبن ۾ شراڪتداري جي هڪ نئين مرحلي ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ اهم آهي

بغداد ( م ڊ) عراق جي حڪومت هڪ معاهدي تي صحيحون ڪيون آهن جنهن تحت بغداد انٽرنيشنل ايئر پورٽ تي واقع آمريڪي سفارتخاني جي سفارتي سهڪاري مرڪز جو انتظام مقامي انتظاميا سنڀاليندي. پرڏيهي م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

## حوثي باغين جي حملن ڪانپوءِ پاڪستان، ترڪيه ۽ سعودي فوجي قيادت جو هنگامي اجلاس طلب

سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي جي پرڏيهي وزيرن نيويارڪ ۾ ملاقات دوران ٽنهي ملڪن جي چيفس آف اسٽاف جي هنگامي اجلاس جي تيارين تي غور

ملاقات ۾ سعودي پرڏيهي وزير شهزادي فيصل بن فرحان، پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ ترڪ پرڏيهي وزير حاقان فيدان شريڪ ٿيا

رياض ( م ڊ) سعودي عرب تي حوثي حملن ڪانپ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

## شهريار ميمڻ عهدو ڇڏڻ لاءِ درخواست ڏئي ڇڏي

هن سيڪريٽري سروسز سنڌ کي عهدي تان رليو ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني

ذاتي نوعيت جي ريمارڪس سبب ڪيس ذهني اذيت ۽ جذباتي صدمو پهتو

حيدرآباد (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل (ڊي جي) هيلٿ سروسز سنڌ حيدرآباد شهريار ميمڻ پنهنجو عهدي ڇڏڻ لاءِ درخواست جمع ڪرائي ڇڏ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

## ڊيوٽيز ۽ ٽيڪس وصولي لاءِ آفيسون ڇنڇر 26 سيپٽمبر تي به کليل رهنديون

اسلام آباد (بيورو) حڪومتي ڊيوٽيز ۽ ٽيڪسن جي وصولي لاءِ لارج ٽيڪس پيئرز آفيسون، ڪارپور/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

## پي ٽي آءِ جو 27 سيپٽمبر وارو لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جو فيصلو، ذريعا

پشاور ۾ پي ٽي آءِ جي سياسي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ اسلام آباد ڏانهن رٿيل لانگ مارچ کي 5 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اجلاس ۾ خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي سميت پارٽي جا اهم اڳواڻ شريڪ ٿيا

پشاور ( م ڊ) پاڪستان تحريڪِ انصاف طرفان 27/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

پشاور: پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر ميڊيا سان ڳالهائيندي

## پي ٽي آءِ "ٻاڙي" آهي، ڊرڻي کان ڀڄي وئي، همٿ اٿوَ ته لانگ مارچ ڪري ڏيکاريو، عطا تارڙ جي سُهيل آفريدي تي ٽنول

پاڪستان تحريڪِ انصاف "بزدل" آهي، ان ڪري لانگ مارچ کان ڀڄي وئي آهي، جرئت آهي ته اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ ڪري ڏيکاري

پي ٽي آءِ دهشتگردن جي پنيرائي ۽ سهولتڪاري ڪري ٿي ۽ ان ڪانپوءِ پاڻ کي سياسي جماعت سڏائي ٿي

سهيل آفريدي وڏي وزير ڪان وڌيڪ تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) جي ڪماندر نظر اچي ٿو پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ لاءِ ڪا خاص تياري به نظر نٿي اچي

اسلام آباد (بيورو) سڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته پاڪستان تحريڪِ انصاف "بزدل" آهي، ان ڪري لانگ مارچ کان ڀڄي وئي آهي. جرئت آهي ته اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ ڪري ڏيکاري. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عطا تارڙ الزام لڳايو ته پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

## ڪراچي، سکر ۽ حيدرآباد ڊويزنن ۾ قلم 144 لاڳو، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي، سکر ۽ حيدرآباد ڊويزنن ۾ 24 کان 30 سيپٽمبر 2026 تائين قلم 144 لاڳو ڪيو ويو، جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو

ڪراچي ڊويزن جي حدن اندر 5 کان وڌيڪ ماڻهن جي ميڙ، احتجاج، مظاهرن، ڌرڻن، ريلين، جلسن ۽ جلوسن سميت ٻين عوامي گڏجاڻين تي پابندي هوندي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ احتجاجن، مظاهرن ۽ ريلين سبب اهم روڊن، چوڪن ۽ رستن تي ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي

ڪراچي(رپورٽر) امن امان برقرار رکڻ ۽ ٽريفڪ جي رواني يقيني بڻائڻ لاءِ ڪراچي، سکر ۽ حيدرآباد ڊويزنن ۾ 24 کان 30 سيپٽمبر 2026 تائين قلم 144 لاڳو ڪيو ويو، جنهن جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. جاري ڪي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

اسلام آباد: اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد چيمه سان آءِ ايف سي جي علائقائي ڊائريڪٽر جي ملاقات ڪندي

## عليمه خان جي نظربندي، گهرو سيڪريٽري کان جواب طلب

عليمه خان کي 20 سيپٽمبر تي اختيارين پاران نظر بند ڪيو ويو هو

ڊپٽي ڪمشنر (ڊي سي) جي آفيس کيس 30 ڏينهن لاءِ نظر بند يا گرفتار ڪرڻ جو حڪم جاري

لاهور( م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ (ايل ايڇ سي) جمعي ڏينهن تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي باني عمران خان جي ڀيڻ عليمه خان کي سار سنڀالِ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

## سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ وڊيو رڪارڊنگ ۽ فوٽوگرافي تي پابندي

صحافين لاءِ مخصوص ڪيل هنڌ ڪانسواءِ ٻين هنڌن تي وڊيو رڪارڊنگ ۽ فوٽوگرافي تي پابندي هوندي

پابندي جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ماڻهن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ وڊيو رڪارڊنگ ۽ فوٽوگرافي تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. ان حوالي سان جاري ڪيل سرڪيولر موجب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

## قاسم خان جي عوام کي اڊيالا جيل پرسان مارچ يا احتجاج نه ڪرڻ جي اپيل

اڊيالا جيل پرسان مارچ يا احتجاج ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي

قاسم خان ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ عوام کي اپيل

اسلام آباد (بيورو) قاسم خان جي عوام کي اڊيالا جيل پرسان مارچ يا احتجاج نه ڪرڻ جي اپيل اڳوڻي وزيراعظم ۽ پي ٽي آءِ جي باني عمران /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

## ملڪ ۾ ڪچي تيل جي آمدني واپار ۾ هلندڙ مالي سال دوران معمولي اضافو رڪارڊ

آئل ۽ سويا بين آئل جي مجموعي آمدني واپار تي 613.37 ملين ڊالرن جو پرڏيهي مٽاسٽا وارو ناڻو خرچ ٿيو

جيڪو گذريل مالي سال جي ان مدي جي 609.55 ملين ڊالرن جي ڀيٽ ۾ 0.63 سيڪڙو وڌيڪ آهي

اسلام آباد (بيورو) ملڪ ۾ ڪچي تيل جي آمدني واپار ۾ هلندڙ مالي سال دوران معمولي اضافو رڪارڊ ٿيو آهي. اسٽيٽ بينڪ آف پاڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

## ڪابينه ڪميٽي اوگرا فيس، چارجز رولز ۽ ڊرگس ريسرچ رولز ۾ ترميم جي منظوري ڏئي ڇڏي

اجلاس ۾ لاڳاپيل وزارتن، ادارن ۽ ڊويزنن جي عملدارن شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ ڪابينه ڪميٽي آئل اينڊ گيس ريگوليٽري اٿارٽي فيس اينڊ چارجز رولز جي منظوري ڏني

اسلام آباد (بيورو)قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ جي صدارت هيٺ قانون سازي جي معاملن کي درست ڪرڻ بابت ڪابينه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

اسلام آباد: وفاقي وزيراعظم نذير تارڙ اجلاس جي صدارت ڪندي

## 27 سيپٽمبر وارو لانگ مارچ هر صورت ٿيندو: سهيل آفريدي

اسان جو لانگ مارچ هر صورت ٿيندو، اسان جو مارچ پُرامن آهي، ڀلي هو ڪوڪا هڻن، ڪنٽينر رکن يا گولي هلائن

پي ٽي آءِ جي سياسي ڪميٽي جو اجلاس اڃا جاري آهي، جنهن ڪانپوءِ ڀيهر ملاقات ٿيندي

جيڪا سازش هلي رهي آهي، اها ڏاڍي خطرناڪ آهي هن وڌيڪ چيو ته اسان جي وزيرن کي اغوا ڪيو پيو وڃي

پشاور( م ڊ) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي چيو آهي ته 27 سيپٽمبر وارو لانگ مارچ هر صورت ٿيندو، جڏهن ته تحريڪ انصاف جو مارچ پُرامن هوندو پشاور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سهيل آفريدي چيو ته اسان جو لانگ مارچ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

## پاڪستان کي مضبوط ۽ مستحڪم بڻائڻ لاءِ نون صوبن جو قيام لازمي آهي، مصطفيٰ ڪمال

موجوده انتظامي ڍانچي سبب اختيارن ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ جو مسئلو برقرار آهي

وفاق اين ايف سي ايوارڊ تحت صوبن کي رقم فراهم ڪري ٿو، موجوده بجيٽ ۾ 8 هزار 884 ارب رپيا صوبن کي منتقل ڪيا ويا آهن

تنهن هوندي به عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ حڪمراني جا مسئلا حل نه ٿي سگهيا آهن

18هين ترميم ڪانپوءِ اختيارن جو وڏو حصو صوبن ڏانهن منتقل ٿيو ۽ عملي طور ملڪ چئن حصن ۾ ورهائجي ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته پاڪستان کي مضبوط ۽ مستحڪم بڻائڻ لاءِ نون صوبن جو قيام لازمي آهي، موجوده انتظامي ڍانچي سبب اختيارن ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ جو مسئلو برقرار /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسلام آباد: پاڪستاني هاءِ ڪمشنر محمد سليم جو اڳواڻن سان گروپ فوٽو

## فلسطين جي اولهندي ڪناري ۾ هن وقت تائين يهودي آبادڪارن جي حملن ۾ 6500 فلسطيني بي گهر ٿي چڪا آهن: گڏيل قومون

گڏيل قومون (م ڊ)گڏيل قومن چيو آهي ته اولهندي ڪناري ۾ سال 2023ع کان هن وقت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

## اسحاق ڊار جي بحرين جي پرڏيهي معاملن جي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني سان ملاقات

نيويارڪ ( م ڊ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

## واپاري مير رضا علي جي ڪيس جي جاچ لاءِ جوڙيل جوڊيشل ڪميشن جي ٻڌڻي

سي سي ٽي وي فوٽيج، ڪرائيم سين مان ثبوتن جي حصول ۽ ٻين معاملن بابت سخت پڇاڻو ڪيو ويو

جسٽس عمر سيال ۽ ايس ايس پي ايس آءِ يو سميع الله سومرو وچ ۾ جملن جي ڏي وٺ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) نوجوان واپاري مير رضا علي جي ڪيس جي جاچ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جج جسٽس عمر سيال جي سربراهي ۾ جوڙي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

## ريسرچ اسسٽنٽ جي عهدي جي اپگريڊيشن بابت عدالتي حڪمن تي عمل نه ڪرڻ خلاف توهين عدالت جي درخواست تي ٻڌڻي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مئرين فشريز ڊپارٽمينٽ جي ريسرچ اسسٽنٽ جي عهدي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

## پاڪ آمريڪا واپاري ڳاڻيٽي ۾ پهرين 2 مهينن دوران ساليانو بنيادن تي 12.55 سيڪڙو جو اضافو ٿيو آهي: اسٽيٽ بينڪ

مالي سال جي پهرين 2 مهينن دوران پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ ٻه طرفي واپار جو ڳاڻيٽو 1.604 ارب ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو

جيڪو گذريل مالي سال جي ان مدي جي 1.425 ارب ڊالرز جي ڀيٽ ۾ 12.55 سيڪڙو وڌيڪ آهي

جولاءِ کان آگسٽ 2026ع دوران آمريڪا ڏانهن پاڪستان جي روانگي واپار جو ڳاڻيٽو 1.118 ارب ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو)پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ ٻه طرفي واپاري ڳاڻيٽي ۾ جاري مالي سال جي پهرين 2 مهينن دوران ساليانو بنياد تي 12.55 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ ٿيو آهي. اسٽيٽ بينڪ ۽ پاڪستان جي ڳڻپ واري اداري مطابق جار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

چنڇر 26 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 13 ربيع الثاني 1448ھ

# سنڌ جي وحدت جو سوال ۽ آئيني رستو

سنڌ جي وحدت بابت بحث هڪ ڀيرو ٻيهر سياسي منظرنامي جو اهم موضوع بڻجي ويو آهي. ڄامشوري ۾ سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي مشاورتي اجلاس ڪانپوءِ اڳواڻن پاران اهو موقف ورجايو ويو آهي ته سنڌ جي موجوده صوبائي حيثيت، جاگرافيائي وحدت يا انتظامي ڍانچي ۾ اهڙي تبديلي قبول نه ڪئي ويندي جيڪا سنڌ جي ورهاست جو سبب بڻجي. ٻئي طرف سنڌ اسيمبلي به 3 سيپٽمبر 2026ع تي سنڌ جي ورهاست ۽ نون انتظامي يونٽن جي قيام خلاف قرارداد منظور ڪري چڪي آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ڪنهن ضلعي، ڊويزن يا علائقي کي الڳ ڪرڻ واري تجويز کي رد ڪيو ويو.

ڄامشوري واري اجلاس ۾ سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن سياسي عدم استحڪام، معاشي بدحالي، پاڻي جي کوٽ، بيروزگاري، مهانگائي، ڪرپشن، منشيات، زرعي مسئلن ۽ پيٽروليم ليوي سميت عوام کي درپيش مختلف مسئلن تي به ڳڻتي ظاهر ڪئي. سندن چوڻ هو ته انهن بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ بدران جيڪڏهن ملڪ جي انتظامي ۽ آئيني ڍانچي ۾ اهڙيون تبديليون آڻڻ جون ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون، جيڪي صوبن جي وحدت بابت خدشا پيدا ڪن ٿيون، ته ان سان سياسي ڇڪتاڻ وڌيڪ وڌي سگهي ٿي. هي اعتراض رڳو سنڌ جي قومپرست ڌرين تائين محدود نه رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ اسيمبلي جي تازي قرارداد مان پڻ ظاهر ٿئي ٿو ته صوبائي وحدت بابت سياسي سطح تي هڪ واضح موقف سامهون آيو آهي.

سنڌ جي مسئلي کي رڳو انتظامي يونٽن جي بحث تائين محدود ڪرڻ بدران ان جي آئيني ۽ وفاقي پسمنظر کي به سمجهڻ ضروري آهي. پاڪستان جو وفاق مختلف صوبن ۽ وحدتن جي آئيني حيثيت تي قائم آهي، تنهنڪري ڪنهن به وڏي انتظامي تبديلي بابت بحث پارلياماني، آئيني ۽ جمهوري طريقي سان ٿيڻ گهرجي. اختلاف راءِ جمهوريت جو حصو آهي، پر ڪنهن به صوبي جي عوام جي خدشن کي نظرانداز ڪرڻ يا انهن خدشن کي طاقت جي زور تي دٻائڻ بدران ڳالهين ۽ آئيني ادارن وسيلي حل ڳولڻ ئي سياسي استحڪام جو بنياد بڻجي سگهي ٿو.

سنڌ ايڪشن ڪميٽي جو اهو به موقف آهي ته پاڻي جي منصفاڻي ورڇ نه ٿيڻ، زرعي شعبي ۾ آبادگارن کي درپيش مسئلا، شگر ۽ پاڻ جي مارڪيٽ بابت شڪايتون ۽ سنڌو درياهه جي پاڻي سان لاڳاپيل خدشا بنيادي مسئلا آهن. اهي مسئلا سنڌ جي لکين ماڻهن جي روزاني زندگي ۽ معيشت سان سڌي ريت لاڳاپيل آهن. جيڪڏهن عوام کي پاڻي، روزگار، زراعت، تعليم، صحت ۽ امن امان بابت پريشانيون درپيش هجن ته انتظامي ڍانچي ۾ تبديليءَ جون ڳالهيون لازمي طور تي وڌيڪ حساس سياسي ردعمل پيدا ڪنديون.

سنڌ جي وحدت بابت ڪنهن به بحث ۾ هڪ ٻيو اهم پاسو اهو آهي ته سنڌ ۾ مختلف ٻولين، برادرين ۽ علائقن سان تعلق رکندڙ ماڻهو ڏاڪن کان گڏ رهندا آيا آهن. سياسي اختلافن کي لساني يا برادريءَ جي ڇڪتاڻ ۾ تبديل ٿيڻ کان روڪڻ سڀني سياسي ڌرين جي ذميواري آهي. جيڪڏهن انتظامي سڌارن جو مقصد عوام کي بهتر حڪمراني، تيز انصاف، صحت، تعليم ۽ روزگار جون سهولتون فراهم ڪرڻ آهي ته پوءِ اهي سڌارا ڪنهن به صورت ۾ ماڻهن جي وچ ۾ نفاق جو سبب نه بڻجڻ گهرجن. انتظامي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ لاءِ مقامي حڪومتن کي بااختيار بڻائڻ، ادارن کي مضبوط ڪرڻ ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ بابت بحث الڳ موضوع آهي، جڏهن ته صوبي جي ورهاست هڪ انتهائي حساس آئيني ۽ سياسي معاملو آهي.

سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران اهو اعلان به ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن صوبن يا انتظامي يونٽن جي ورهاست بابت ڪو قانون، آرڊيننس، ايڪٽ يا حڪم نامو آندو ويو ته مزاحمت ڪئي ويندي، جڏهن ته اڳواڻن هڙتال ۽ احتجاج جا به اعلان ڪيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ سڀني ڌرين لاءِ ضروري آهي ته احتجاج جو حق استعمال ڪندي قانون ۽ امن امان جي دائري کي نظر ۾ رکن. عوامي احتجاج جمهوريت جو بنيادي حق آهي، پر روڊ بند ڪرڻ، مواصلاتي نظام کي متاثر ڪرڻ يا عام ماڻهن جي روزمره زندگي ۾ وڏي رڪاوٽ پيدا ڪرڻ سان عام شهري به متاثر ٿين ٿا. تنهنڪري سياسي مزاحمت کي منظم، پرامن ۽ آئيني دائري ۾ رکڻ ئي وڌيڪ وسيع عوامي حمايت ۽ سياسي اثر جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو.

ٻئي طرف وفاقي ۽ صوبائي حڪمرانن لاءِ به هي معاملو سنجيدگي سان وٺڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪنهن به اداري، وزير يا سياسي ڌر طرفان انتظامي يونٽن بابت ڪا تجويز سامهون اچي ٿي ته ان جي آئيني حيثيت، قانوني طريقيڪار ۽ عوامي قبوليت بابت واضح وضاحت عوام آڏو اچڻ گهرجي. افواهن، مبهم بيانن ۽ سياسي الزام تراشين سان خدشا ختم ٿيڻ بدران وڌندا آهن. ان جي ابتڙ، پارليامينٽ، صوبائي اسيمبلي، سياسي پارٽين، سول سوسائٽي ۽ لاڳاپيل ڌرين وچ ۾ کليل ڳالهه ٻولهه شڪ شبهن کي گهٽائي سگهي ٿي.

سنڌ ايڪشن ڪميٽي شفاف چونڊن کي ملڪ جي سياسي بحرانن مان نڪرڻ جو اهم رستو قرار ڏنو آهي. چونڊن جي شفافيت بابت ڪنهن به سياسي ڌر جا اعتراض هجن ته انهن جو حل به آئيني ادارن، عدالتن ۽ قانوني طريقيڪار ذريعي ڳولڻ گهرجي. جمهوريت جو بنيادي اصول اهو آهي ته حڪومتن جي اختيار ۽ عوام جي نمائندگي جو سرچشمو ووٽ هجي ۽ چونڊن بابت پيدا ٿيندڙ تڪرارن جو فيصلو قانوني ۽ آئيني ادارا ڪن.

سنڌ جي وحدت جو سوال رڳو هڪ سياسي نعري جو نالو نه آهي؛ اهو سنڌ جي ماڻهن جي تاريخي، سماجي، معاشي ۽ سياسي احساسن سان ڳنڍيل حساس معاملو آهي. ساڳئي وقت پاڪستان جي وفاق کي مضبوط رکڻ لاءِ به ضروري آهي ته صوبن جي آئيني حيثيت، وسيلن جي ورڇ ۽ اختيارن بابت پيدا ٿيندڙ خدشن کي طاقت يا انتظامي حڪمن بدران ڳالهين سان حل ڪيو وڃي. سنڌ جي ماڻهن جا خدشا ٻڌڻ، پاڻي ۽ وسيلن بابت مسئلا حل ڪرڻ، مقامي حڪومتن کي حقيقي اختيار ڏيڻ ۽ عوام کي معاشي رليف فراهم ڪرڻ سان ئي سياسي بيچيني گهٽجي سگهي ٿي.

هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ جي وحدت بابت اختلاف کي ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جي مختلف قومن، ٻولين ۽ برادرين جي وچ ۾ نفرت جو سبب نه بڻايو وڃي. سياسي ڌريون پنهنجا موقف ڪٿي عوام وٽ وڃن، حڪمران آئيني ادارن کي اعتماد ۾ وٺن ۽ وفاق توڙي صوبو عوام جي بنيادي مسئلن تي عملي ڌيان ڏين. سنڌ جي وحدت، پاڪستان جي وفاقي ڍانچي ۽ جمهوري استحڪام بابت هر فيصلو اهڙي طريقي سان ٿيڻ گهرجي، جنهن ۾ آئين جي بالادستي، عوام جي راءِ، پارلياماني عمل ۽ پرامن سياسي اختلاف جو احترام برقرار رهي.

# شي جن پنگ واشنگٽن ۾، سپرطاقتن وچ ۾ وڏي ملاقات

### غلام مصطفيٰ جمالي

دنيا جي سياست ۾ ڪجهه ملاقاتون اهڙيون هونديون آهن، جن کي رڳو ٻن ملڪن جي سربراهن جي ملاقات قرار نٿو ڏئي سگهجي، ڇاڪاڻ ته انهن ملاقاتن جي اهميت ٻن ملڪن جي سرحدن کان ٻاهر نڪري سڄي دنيا جي سياسي، معاشي ۽ سفارتي صورتحال سان ڳنڍجي ويندي آهي. چيني صدر شي جن پنگ جو آمريڪا پهچڻ ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان ملاقات به اهڙي ئي اهم اڳڀرائي آهي، جنهن تي هن وقت سڄي دنيا جون نظرون لڳل آهن. هڪ پاسي دنيا جي سڀ کان وڏي معاشي ۽ فوجي طاقتن مان هڪ آمريڪا آهي، ته ٻئي پاسي چين تيزيءَ سان عالمي معيشت، صنعت، واپار ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ پنهنجو اثر وڌائي رهيو آهي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ مقابلو به آهي، اختلاف به آهن، مفادن جو ٽڪراءُ به آهي، پر ان باوجود ٻنهي ملڪن جا سربراهه هڪ ئي ميز تي ويهي ڳالهائي رهيا آهن. اهو منظر پاڻ ۾ موجوده عالمي سياست جي وڏي حقيقت کي ظاهر ڪري ٿو.

شي جن پنگ جو آمريڪا پهچڻ اهڙي وقت ٿيو آهي، جڏهن چين ۽ آمريڪا جا لاڳاپا ڪيترن ئي اهم معاملن تي پيچيده صورتحال مان گذري رهيا آهن. ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار بابت اختلاف، جديد ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ مقابلو، مصنوعي ذهانت جي ترقي، تائيوان جو مسئلو، عالمي اثر رسوخ جي ڪوشش ۽ مختلف عالمي معاملن تي اختلاف موجود آهن. ان باوجود ٻنهي ملڪن جي قيادت اهو محسوس ڪري ٿي ته رابطا ختم ڪرڻ بدران ڳالهين جو سلسلو برقرار رکڻ ضروري آهي. اها ئي ڳالهه هن ملاقات کي وڌيڪ اهم بڻائي ٿي.

هتي هڪ سوال ضرور پيدا ٿئي ٿو ته جڏهن چين ۽ آمريڪا عالمي طاقت جي ميدان ۾ هڪ ٻئي جا وڏا حريف آهن ته پوءِ ٻنهي ملڪن جي سربراهن کي هڪ ٻئي سان ملاقات ڪرڻ جي ضرورت ڇو محسوس ٿي؟ ان جو جواب دنيا جي بدلجندڙ سياسي ۽ معاشي صورتحال ۾ لڪل آهي. موجوده دور ۾ ڪو به وڏو ملڪ اڪيلو دنيا جي سمورن معاملن کي پنهنجي مرضي سان هلائي نٿو سگهي. چين ۽ آمريڪا ٻنهي وٽ وڏي معاشي طاقت آهي، ٻنهي جو عالمي واپار ۾ وڏو حصو آهي ۽ ٻنهي جون پاليسيون دنيا جي ٻين ملڪن جي معيشتن تي اثرانداز ٿين ٿيون. جيڪڏهن دنيا جون ٻه وڏيون معيشتون مڪمل طور هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي وڃن ته ان جا اثر رڳو واشنگٽن ۽ بيجنگ تائين محدود نه رهندا، پر ايشيا، يورپ، وچ اوڀر ۽ ٻين علائقن تائين پهچندا.

چين ۽ آمريڪا وچ ۾ واپاري ڇڪتاڻ گذريل ڪجهه سالن دوران عالمي سياست جو اهم موضوع رهي آهي. ٻنهي ملڪن هڪ ٻئي جي شين تي اضافي محصول لاڳو ڪيا، جنهن سان واپار ۽ عالمي منڊين تي دٻاءُ وڌيو. دنيا ۾ ڪيترائي ڪارخانا، واپاري ادارا ۽ سيڙپڪار چين ۽ آمريڪا جي واپاري پاليسين کي غور سان ڏسندا رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته انهن ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪنهن به وڏي فيصلي جو اثر عالمي فراهمي جي نظام، شين جي قيمتن ۽ واپار جي رخ تي پئجي سگهي ٿو. هاڻي جڏهن ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڳالهين جو سلسلو ٻيهر اهميت حاصل ڪري رهيو آهي ته دنيا کي اميد آهي ته واپاري ڇڪتاڻ کي وڌيڪ وڌڻ کان روڪڻ لاءِ رستو ڪڍيو ويندو.

پر هي ملاقات رڳو واپار جي معاملي تائين محدود ناهي. اڄ جي دنيا ۾ جديد ٽيڪنالاجي به طاقت جو وڏو ذريعو بڻجي چڪي آهي. مصنوعي ذهانت، جديد ڪمپيوٽر، چپ ٺاهڻ جي صلاحيت، روبوٽڪس ۽ ٻين نين ٽيڪنالاجين ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ چين ۽ آمريڪا ۾ سخت مقابلو جاري آهي. ڪجهه سال اڳ عالمي طاقت جو تصور گهڻو ڪري فوجي طاقت ۽ معاشي وسيلن سان ڳنڍيل هو، پر هاڻي ٽيڪنالاجي به قومي طاقت جو بنيادي حصو بڻجي چڪي آهي. جيڪو ملڪ جديد ٽيڪنالاجي ۾ اڳتي هوندو، اهو معيشت، صنعت، دفاع ۽ عالمي اثر رسوخ ۾ به اهم حيثيت حاصل ڪري سگهي ٿو.

مصنوعي ذهانت خاص طور تي ايندڙ دور جي دنيا کي تبديل ڪرڻ واري ٽيڪنالاجي بڻجي رهي آهي. چين ۽ آمريڪا ٻنهي لاءِ هي ميدان رڳو ڪاروباري مقابلو ناهي، پر قومي ترقي ۽ سلامتي سان پڻ ڳنڍيل آهي. انهيءَ ڪري ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ٽيڪنالاجي بابت اختلافن کي سمجهڻ لاءِ رڳو واپار جي نظر سان ڏسڻ ڪافي ناهي. جديد ٽيڪنالاجي تي ڪنٽرول عالمي طاقت جي نئين توازن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

تائيوان جو معاملو به چين ۽ آمريڪا جي وچ ۾ سڀ کان حساس مسئلن مان هڪ آهي. چين تائيوان کي پنهنجي علائقي جو حصو سمجهي ٿو، جڏهن ته آمريڪا تائيوان سان دفاعي ۽ سياسي لاڳاپا برقرار رکندو اچي ٿو. تائيوان بابت ڪنهن به وڏي ڇڪتاڻ جا اثر رڳو ٻنهي ملڪن تائين محدود نه رهندا، ڇاڪاڻ ته اوڀر ايشيا عالمي واپار ۽ صنعت جو هڪ انتهائي اهم علائقو آهي. دنيا جون ڪيتريون ئي اهم صنعتون ۽ واپاري رستا هن خطي سان ڳنڍيل آهن. ان ڪري چين ۽ آمريڪا وچ ۾ تائيوان بابت ڳالهه ٻولهه عالمي سطح تي وڏي اهميت رکي ٿي.

چين ۽ آمريڪا جي وچ ۾ مقابلو رڳو تائيوان يا واپار تائين محدود ناهي. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ عالمي اثر رسوخ جي هڪ ڊگهي مقابلي واري صورتحال به موجود آهي. چين ايشيا، آفريڪا، وچ اوڀر ۽ يورپ ۾ واپار، صنعت ۽ بنيادي ڍانچي جي منصوبن ذريعي پنهنجو معاشي اثر وڌائي رهيو آهي، جڏهن ته آمريڪا پنهنجي پراڻي عالمي سياسي، معاشي ۽ دفاعي اثر کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. نتيجي ۾ دنيا ۾ طاقت جو توازن آهستي آهستي نئين شڪل اختيار ڪري رهيو آهي.

اهڙي صورتحال ۾ شي جن پنگ جو واشنگٽن پهچڻ هڪ وڏي سفارتي علامت آهي. ٻنهي ملڪن جا سربراهه جيڪڏهن هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا آهن ته ان جو مطلب اهو ناهي ته چين ۽ آمريڪا جا سڀ اختلاف ختم ٿي ويا آهن. حقيقت ۾ ڪيترن ئي معاملن تي ٻنهي جا موقف اڃا به مختلف آهن. پر عالمي سياست ۾ ڳالهه ٻولهه جو مقصد هميشه اختلاف ختم ڪرڻ نه هوندو آهي؛ ڪڏهن ڪڏهن ڳالهين جو مقصد اختلافن کي اهڙي حد تائين پهچڻ کان روڪڻ هوندو آهي، جتي صورتحال ٻنهي ملڪن ۽ دنيا لاءِ نقصانڪار بڻجي وڃي.

دنيا جي موجوده صورتحال ۾ اهو به ڏسڻ ضروري آهي ته وڏيون طاقتون هڪ طرف هڪ ٻئي سان مقابلو ڪري رهيون آهن، ته ٻي طرف عالمي مسئلن بابت هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ کان به پاسو نٿيون ڪن. اهو ئي عالمي سياست جو پيچيده پاسو آهي. ملڪ پنهنجا قومي مفاد ڀرپور رکندا آهن، پر ساڳئي وقت انهن کي عالمي واپار، توانائي، سلامتي ۽ سفارتڪاري ۾ ٻين وڏين طاقتن سان رابطو به رکڻو پوندو آهي.

پاڪستان لاءِ چين ۽ آمريڪا جي وچ ۾ هي ملاقات خاص اهميت رکي ٿي. پاڪستان جا چين سان پراڻا، ويجها ۽ اهم لاڳاپا آهن. چين پاڪستان جي معاشي ۽ بنيادي ڍانچي جي منصوبن ۾ اهم ساٿي رهيو آهي. ٻئي طرف آمريڪا سان به پاڪستان جا سفارتي، واپاري ۽ ٻين شعبن ۾ لاڳاپا موجود آهن. اهڙي صورتحال ۾ اسلام آباد لاءِ ضروري آهي ته چين ۽ آمريڪا جي وچ ۾ وڌندڙ مقابلي کي جذباتي انداز بدران قومي مفادن جي نظر سان ڏسي.

پاڪستان لاءِ وڏي اهميت ان ڳالهه جي آهي ته عالمي طاقتن جي مقابلي کي پنهنجي خلاف دٻاءُ بڻجڻ نه ڏنو وڃي، پر پنهنجي معاشي ۽ سفارتي مفادن لاءِ موقعو پيدا ڪيو وڃي. جيڪڏهن چين ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين جو سلسلو وڌي ٿو ته پاڪستان لاءِ پڻ عالمي واپار، علائقائي رابطن، سيڙپڪاري ۽ سفارتڪاري جا نوان موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا. پاڪستان کي پنهنجي جغرافيائي حيثيت ۽ علائقائي اهميت کي استعمال ڪندي سڀني اهم ملڪن سان لاڳاپا وڌائڻ گهرجن.

اڄ جي دنيا ۾ طاقت جو مطلب رڳو هٿيارن جي تعداد يا فوجي قوت ناهي. جنهن ملڪ وٽ مضبوط معيشت، جديد صنعت، ٽيڪنالاجي، توانائي جا وسيلا، عالمي واپار، تحقيق ۽ سفارتي اثر هوندو، اهو عالمي سياست ۾ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. چين گذريل ڏهاڪن دوران پنهنجي صنعت ۽ واپار جي طاقت کي استعمال ڪندي عالمي معيشت ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو آهي، جڏهن ته آمريڪا پنهنجي معاشي، فوجي، ٽيڪنالاجي ۽ سفارتي طاقت سان اڃا تائين عالمي نظام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

ايندڙ سالن ۾ چين ۽ آمريڪا جو مقابلو دنيا جي سياست جو هڪ وڏو موضوع رهندو. سوال اهو ناهي ته مقابلو ختم ٿيندو يا نه، سوال اهو آهي ته اهو مقابلو ڪهڙي حد تائين ويندو ۽ ٻنهي ملڪ پنهنجن اختلافن کي ڪهڙي انداز ۾ سنڀاليندا. جيڪڏهن مقابلو واپار، ٽيڪنالاجي ۽ سفارتڪاري تائين محدود رهي ٿو ته دنيا جا ملڪ ان کي پنهنجي معاشي حڪمت عملي مطابق منهن ڏئي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن اهو مقابلو سڌي فوجي ڇڪتاڻ طرف وڌي ٿو ته ان جا نتيجا انتهائي وسيع ٿي سگهن ٿا.

انهيءَ ڪري شي جن پنگ جو واشنگٽن دورو دنيا لاءِ هڪ اهم سفارتي منظر آهي. هڪ پاسي چين عالمي طاقت جي حيثيت مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، ٻئي پاسي آمريڪا پنهنجي عالمي حيثيت ۽ اثر رسوخ کي برقرار رکڻ چاهي ٿو. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ مفادن جو مقابلو موجود آهي، پر ان مقابلي سان گڏ ڳالهين جي ضرورت به موجود آهي.

هن ملاقات جو هڪ اهم پيغام اهو به آهي ته دنيا جي وڏين طاقتن لاءِ سفارتڪاري اڄ به اهميت رکي ٿي. طاقتور ملڪ به جڏهن پنهنجا اختلاف حل ڪرڻ چاهين ٿا ته آخرڪار ڳالهين جي ميز تي اچن ٿا. جيڪڏهن چين ۽ آمريڪا پنهنجي اختلافن باوجود هڪ ٻئي سان رابطا برقرار رکندا ته ان سان عالمي سطح تي وڏي ڇڪتاڻ کي قابو ۾ رکڻ لاءِ سفارتي گنجائش برقرار رهندي.

واشنگٽن ۾ چين جي صدر جي موجودگي ان ڪري به اهم آهي ته دنيا هاڻي هڪ اهڙي دور ڏانهن وڌي رهي آهي، جتي طاقت جو توازن هڪ ئي مرڪز تائين محدود نٿو رهي. ڪيترائي ملڪ پنهنجي معاشي ۽ سياسي طاقت وڌائي رهيا آهن ۽ عالمي نظام وڌيڪ گهڻ رخي بڻجي رهيو آهي. چين جو وڌندڙ اثر ان تبديلي جو اهم حصو آهي، جڏهن ته آمريڪا پنهنجي عالمي ڪردار کي برقرار رکڻ لاءِ مختلف شعبن ۾ سرگرم آهي.

ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ هي ملاقات شايد سڀ اختلاف ختم نه ڪري، پر رابطا برقرار رکڻ پاڻ ۾ اهم ڳالهه آهي. دنيا جنگين، معاشي دٻاءُ، توانائي جي مسئلن ۽ علائقائي ڇڪتاڻن مان گذري رهي آهي. اهڙي وقت ۾ جيڪڏهن وڏيون طاقتون هڪ ٻئي سان ڳالهائين ٿيون ته گهٽ ۾ گهٽ اختلافن کي قابو ۾ رکڻ لاءِ هڪ رستو موجود رهي ٿو.

آخرڪار شي جن پنگ جو واشنگٽن پهچڻ رڳو هڪ چيني صدر جو آمريڪا جو دورو ناهي، پر اها موجوده عالمي طاقت جي بدلجندڙ تصوير جو هڪ اهم منظر آهي. هڪ طرف ٻه حريف عالمي طاقتون آهن، جيڪي معاشي، ٽيڪنالاجي ۽ سياسي ميدان ۾ هڪ ٻئي سان مقابلو ڪري رهيون آهن، ۽ ٻي طرف اهي ئي طاقتون هڪ ميز تي ويهي ڳالهائي رهيون آهن. دنيا جون نظرون ان ملاقات تي ان ڪري آهن، ڇاڪاڻ ته چين ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ٿيندڙ هر وڏي اڳڀرائي جو اثر عالمي سياست، عالمي معيشت ۽ ڪيترن ئي ملڪن جي مستقبل تي پئجي سگهي ٿو. سپر طاقت بڻجڻ جي ڊوڙ پنهنجي جاءِ تي جاري آهي، پر دنيا لاءِ اصل اهميت ان ڳالهه جي آهي ته اها ڊوڙ مقابلي کان اڳتي وڏي ٽڪراءَ ۾ تبديل نه ٿئي ۽ ڳالهين جي ميز هميشه کليل رهي.

# امر جليل سان ڪيل ڪجهه ٽي وي ۽ ريڊيو پروگرامَ

### ياسر قاضي

سائين امر جليل سان گهڻي ويجهڙائي هجڻ باوجود ان ڳالهه جي پڪ ناهي هوندي ته هو ڪهڙي گذارش کي قبول ڪندو ۽ ڪهڙي انگل تي ٺپ جواب ڏيندو. ڪڏهن اهڙي آري کي به پلَ ۾ سوئيڪار ڪري منهنجي مرضيءَ کان ڪئين ڀيرا وڌيڪ ريسپانس ڏيندو، جنهن لاءِ بظاهر لڳندو ئي ڪونه ته هو مڃيندو ۽ ڪڏهن ڪنهن معمولي ڳالهه تي نهڪر ڪري ته ڪائنس 'ها' ڪير ڪرائي! انڪري سائين هن وقت تائين منهنجن تمام گهٽ ريڊيي ۽ ٽي وي پروگرامن ۾ شريڪ ٿي چڪو آهي، ڇاڪاڻ ته بنيادي طور سائين ماڻهن جي آڏو اچڻ ۽ ڳالهائڻ جي معاملي ۾ شرميلو آهي. جيتوڻيڪ 'پبلڪ اسپيچ' طور جڏهن به ڳالهائيندو آهي ته ماڻهن جي دل وٺان ڳالهائي هزارين دليون کٽيندو آهي، پر گهٽ سيشنس ۽ ٽي وي ريڊيو پروگرامن لاءِ ها ڪندو آهي. 'سنڌ ٽي ويءَ' جي پروگرام "ڪلاس روم" کي مستقل طور ڪرڻ لاءِ ڪين ڪيئن راضي ڪيو ويو هو، خدا کي خبر!

سائين امر جليل کان انٽرويو وٺڻ جي پهرين ناڪام ڪوشش مون اسلام آباد ۾ تڏهن ڪئي هئي، جڏهن اسان يونيورسٽيءَ جي شاگرديءَ واري زماني ۾، 90ع واري ڏهاڪي دوران، اڳوڻي 'يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن' (يُو جي سيءَ) پاران منعقد ٿيندڙ مباحثن جي مقابلن ۾ هر سال پنهنجي يونيورسٽيءَ جي نمائندگي ڪرڻ ويندا هئاسين ۽ ٽن ڏينهن ۾ سائين امر جليل، علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ سان سلهاڙيل هو ۽ انهن مباحثن ۾ خاص طور انگلش ڊبيٽس ۾ مُڪ جج طور موجود هوندو هو. چانهه جي وقفن دوران رڳو اسان ئي نه پر سنڌ جي لڳ ڀڳ سمورين يونيورسٽين جا شاگرد سائنس ملندا هئا ۽ تصويرون ڪيرائيندا هئا، آٽوگراف وٺندا هئا. پر ٻين جي ڀيٽ ۾ مان بابا توڙي چاچن جي حوالي سان سندس ويجهڙائيءَ سبب ٻين جي ڀيٽ ۾ سائينءَ جي وڌيڪ 'لِفٽ' ميڙي ويندو هئس ۽ سائين مونکي وڌيڪ ريسپانس توڙي وقت ڏيندو هو ۽ ساڻس ٽي ڏينهن هر سال هلندڙ انهن لڳ ڀڳ پوري ڏينهن جي تقريبن ۾ چانهه جي وقفن دوران سائينءَ سان خوب ڪچهري ٿي ويندي هئي. انهن ئي سالن دوران هڪ سال مون آهي چند ڏينهن اسلام آباد ۾ رهائش دوران سائينءَ سان ڪنهن شام سندس گهر فون ڪري تفصيلي ڪچهري ڪئي ۽ ڪيس انگل ڪيم ته روزانو آڊيٽوريم ۾ ميڙ ۾ ته ملون ٿا، پر هنن ڏينهن ۾ جيڪر وقت ڏيو ته مان ڪنهن شام گهر اچي اوهان سان ملان ۽ اوهان جو آڊيو ۾ انٽرويو ريڪارڊ ڪيان. (اهو اهو زمانو هو جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ داخلا کان اڳ مان ريڊيي تي پروگرام ڪرڻ شروع ڪري چڪو هئس) سائينءَ چيو: "تون منهنجي گهر لڪ دفعا اچ! ڪچهري ڪر! پر انٽرويو ريڪارڊ ڪرڻ جي ڳالهه نه ڪر! تون مونکي سوال لکي ڏي، مان ان جا جواب لکي توکي خط ۾ موڪليندس! پوءِ اهو انٽرويو ڀلي تون ڪنهن رسالي ۾ پنهنجي نالي سان ڇپرائي ڇڏجان! پر ڳالهائڻ ۾ مان ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو وڃان، جو بعد ۾ وضاحتون ڏيڻيون ٿيون پئجي وڃن ۽ پوءِ مان شرمندو ٿو ٿيان. انڪري اها انٽرويو ريڪارڊ ڪرڻ واري ڳالهه نه ڪر!" سائينءَ ان زماني ۾ اهو انڪار انڪري به ڪيو هوندو جو ڪيس اندازو هوندو ته هي نوخيز، نوءِ عمر مونکان ڇا انٽرويو وٺندو، تنهنڪري مبادا هنن منهنجي علمي استطاعت تي اِڪ نه ٻڌڻ ڪري مونکي انٽرويو ڏيڻ کان انڪار ڪيو هجي!

مونکي ياد آهي ته سائينءَ سان مون پهريون ٽي وي پروگرام 'پي ٽي وي نيشنل' تي 'لائيو' پروگرام "ادبي سنگت" ڪيو هو، جيڪي ماڻهو سائين امر جليل جي نڪتهءِ نظر ۽ سندس اظهار جي انداز کي ڄاڻن ٿا، انهن کي خبر آهي ته امر جليل سان 'لائيو' پروگرام ڪرڻ (سو به سرڪاري ٽي ويءَ تي) ڪيڏي وڏي 'رِسڪ' کڻڻ جي ڳالهه آهي. پر اها 'رِسڪ' اُن ڀيري اعجاز عليم عقيلي صاحب کڻي، جنهن "ادبي سنگت" ۾ امر جليل صاحب کي مهمان ڪري گهرايو. مونکي چڱيءَ ريت ياد آهي ته اهو هڪ جُهڙالو ڏينهن هو ۽ منجهند جو 3:00 لڳي ڌاري اسانکي 'لائيو' وڃڻو هو. اهو آگسٽ جو مهينو هو ۽ 14 آگسٽ کان اڳ وارا ڏينهن هئا. ڳالهه ٻولهه جو موضوع هو: "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ حب الوطني" ۽ ان ۾ اسانکي سُرمارئيءَ مان مثال ڏئي، مارئيءَ جي بيتن ۾ شامل وطن جي حب کي پاڪستان جي محبت سان ملائڻو هو. عقيلي صاحب جي آفيس ۾ اسان پروگرام شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ جڏهن موضوع ڊسڪس ڪرڻ ويناسين، ته سائين امر صاف چيو ته "ڪاڏي مارئيءَ جي حب الوطني ۽ ڪاڏي 14 آگسٽ ٻنهي جو پاڻ ۾ ڪوئي تعلق ڪونهي. انڪري مان ان کي جشنِ آزاديءَ سان ڪونه ملائيندس." (جيڪا ڳالهه پنهنجي جاءِ تي صد فيصد درست به هئي) سو جليل صاحب، عقيلي صاحب جي طويل تبليغ ۽ ڪيس قائل ڪرڻ جي ڪوششن باوجود، پنهنجي نڪتهءِ نظر تي قائم ۽ اٽل رهيو ۽ مون وچ وارو رستو اهو سمجهيو ته سائين امر کي چيم: "ٺيڪ آهي سائين! اوهان رڳو مارئيءَ جي حب الوطنيءَ تي ڳالهائجو. ان کي ڀلي پاڪستان سان نه ڳنڍجو!" نيٺ ان ڳالهه تي جليل صاحب راضي ٿيو. عُقيلي صاحب چيو: "اوهان ٻئي قاضي پاڻ ڄاڻو، پروڊڪشن ڳالهه ڪجو!" خير! ان پهرين بحث کانپوءِ جڏهن 'اسٽوڊيو C' ۾ سيٽ تي آياسين ته پي ٽي ويءَ جي اصول موجب پوري آگسٽ دوران هر پرفارم ڪندڙ جي سيني تي سجائجندڙ پاڪستان جي جهنڊيءَ واري روايت موجب، پروگرام اسسٽنٽ اسانکي جهنڊيون لڳائڻ آيو ته امر سائينءَ جهنڊي لڳائڻ کان انڪار ڪيو. ان تي به عقيلي صاحب ڪيس راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر امر سائينءَ جي "نه" کي نَو ڪوٽ! سو جليل سائينءَ جهنڊي لڳائڻ کان ٺپ نابري واري بيهي رهيو. نيٺ اسانجي 'لائيو' وڃڻ جو وقت اچي ويو ۽ اسانکي پروگرام ائين ئي شروع ڪرڻو پيو. پروگرام دوران جيئن ته مونکي ڪنن ۾ 'ٽاڪ بئڪ' لڳل هئي ته مان سموري پروگرام دوران (جڏهن جڏهن سائين جليل صاحب جو شاٽ 'لائيو' هو) اعجاز عليم عقيلي صاحب کي ڪئميرا مئن کي سندس 'ڪمپيڪٽ شاٽ' وٺڻ جون هدايتون ٻڌندو رهيس ته جيئن جهنڊيءَ وارو سندس سيني جو حصو نظر ئي نه اچي ته ڪيس جهنڊي لڳل آهي يا نه! سوان پروگرام ۾ مونکي توڙي نيوز ڪاسٽر کي ته سيني تي پاڪستان جي جهنڊي سجايل رهي، پر امر جليل صاحب کي اها جهنڊي لڳل ڪانه هئي. جيڪڏهن ان پروگرام جي ريڪارڊنگ دستياب هجي ته جليل صاحب جي 'ڪمپيڪٽ شاٽس' باوجود ڏسي سگهبو ته ڪين جهنڊي ڪانهي لڳل!

هڪ ٻيو موقعو اهڙو آيو جو مون امر سائينءَ کي سندس مسلسل انڪار کانپوءِ هڪ ڏينهن پنهنجي ريڊيو پروگرام ۾ اچڻ لاءِ راضي ڪري ورتو. اهو هڪ خانگي ريڊيو هاٽ ايف ايم 105 ڪراچيءَ جو هفتيوار سنڌي پروگرام "مهراڻ رنگ" هو، جنهن ۾ سائين ڇنڇر 19 سيپٽمبر 2015ع تي منهنجو مهمان بڻيو هو. هي پروگرام منجهند جو 2:00 لڳي کان 4:00 لڳي تائين نشر ٿيو هو. هن پروگرام جو پروڊيوسر آءُ هئس ۽ ميزبانيءَ ۾ مونسان گڏ سائين ذوالفقار علي شاهه پڻ ساٿ نڀايو. پر پروگرام جي شروعات ۾ ئي مون هڪ ڳالهه محسوس ڪئي ته جليل صاحب عام ماڻهن کان وڌيڪ 'سَرلو' آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن اسان ٽنهي (مون، جليل صاحب ۽ سائين ذوالفقار علي شاهه) ڪنن ۾ 'هيڊ فونس' لڳاياسي، ته سائينءَ فوراً ان جو آواز (واليُوم) گهٽائڻ لاءِ چيو جيئن ته پروگرام ۾ 'پئنل' مون پئي آپريٽ ڪيو ۽ پروگرام جي فني ذميواري مون تي هئي، ته مون سائينءَ جي مرضيءَ آڌار هيڊفون جو آواز گهٽايو. مزي جي ڳالهه اها هئي ته ٽنهي هيڊفونس جي آواز جو ڪنٽرول 'ناب' (بٽڻ) هڪ ئي هو ۽ جڏهن مون سائين امر جليل جي اطمينان جي حد تائين آواز گهٽايو ته اهو اسان ٻنهي (مونکي توڙي شاهه صاحب) کي بمشڪل ٻڌڻ ۾ پئي آيو. پر ظاهر آهي ته اسانکي امر سائينءَ جي سهولت لاءِ اها تڪليف برداشت ڪرڻي پئي. ان هيڊفون جو استعمال تڪنيڪي طور آپريٽ ڪرڻ واري لاءِ ان ڳالهه تي نظر رکڻ لاءِ ضروري هوندو آهي ته ڇا ڳالهائڻ واري جو آواز مناسب ليول تائين وڃي ٿو يا نه! يا پسِ پرده هلندڙ موسيقي ڳالهائيندڙ جي آواز ۾ رُخنو ته نه پئي وجهي! پر بهرحال ان پوري پروگرام ۾ مونکي انهن عنصرن جو ڏکي تي خيال رکي پروگرام آپريٽ ڪرڻو پيو.

هڪ مڃيل براڊڪاسٽر پوري ٻن ڪلاڪن جي پروگرام ۾ ڇا نه خوبصورت ڳالهايو هوندو، ان جو اندازو اوهان لڳائي سگهو ٿا. هڪ ته لفظن ۽ ڪردارن جو خالق سنڌ جو شينهن فڪشن نگار، وري اهو ئي هڪ پيشه ورانه براڊڪاسٽر به هجي ته پوءِ گفتگو پنهنجي سونهن جي عروج تي ڪيئن نه هوندي!

جنهن وقت شام جا 4:00 ٿيڻ لڳا ۽ سائينءَ کان پروگرام جي آخر ۾ ٻڌندڙن خاص طور نوجوانن لاءِ پيغام گهريم ته ٺهه پهه آن ايئر ئي چيائين: "هان !؟ پروگرام پورو ٿي ويو ڇا؟ پر مونکي ته ڏاڍو مزو پيو اچي ٿڌي ٿڌي 'اي سي' پئي هلي هيڏيون سنيون سنيون ڳالهيون پيون ٿين دوست لائيو ڪالس رستي ڳالهائن پيا ۽ اوهان پروگرام پورو پيا ڪريو!؟ مان ته هتان ڪونه ويندس پلي اوهان مونکي ڌڪا ڏئي ڪڍو" (جيڪي دوست جليل صاحب جا پڙهندڙ آهن، اهي ڄاڻن ٿا ته هو پنهنجن ڪردارن کان به اهڙا دلچسپ جملا چَورائيندو رهندو آهي.)

پر اُهو امر جليل صاحب، جيڪو هن ٻن ڪلاڪن جي پروگرام لاءِ راضي ٿي گهران سيڌو جي آيو، ان کي جڏهن ان لائيو پروگرام کانپوءِ پرواري ريڪارڊنگ اسٽوڊيو ۾ وٺي وڃي هڪ اڌ 'سائين پوسٽ' ۽ 'پرومو' ريڪارڊ ڪرائڻ لاءِ وٺي ويم ۽ ڪين هٿ ۾ اسڪرپٽ ڏنم ته ان تي لکيل هو: "مان آهيان امر جليل ۽ اوهان ٻڌي رهيا آهيو هاٽ ايف ايم 105 ۽ اوهان ٻڌي رهيا آهيو، پروگرام 'سورج شاخون ڪڍيون' ياسر قاضيءَ سان گڏ" ته اها اسڪرپٽ دل ئي دل ۾ پڙهي مونکان پڇڻ لڳو: "هي مونکي پڙهڻو آ؟!" مون چيو: "جي سائين!" چيائين: "ابا ياسر، مان جي هِي نه پڙهان ته تون ناراض ته نه ٿيندين؟" مون چيو: "سائين، اوهانجي مرضي آهي، پر ان کي پڙهڻ ۾ پرابلم ڪهڙو آ؟" وراڻيائين: "بس ابا، مان 'ڪمفرٽيبل' ناهيان"

مون متي عرض ڪيو ته سائين امر جليل "نه" ڪري ته ڪائنس "ها" ڪير ڪرائي! هُو بنا جواز جي به گهڻين ڳالهين کان انڪار ڪري ڇڏيندو آهي. مون به ڪٿي ماٺ ڪئي ۽ سائينءَ تي ان 'پروموشنل اسڪرپٽ' جي ريڪارڊنگ لاءِ زور ڪونه پريم. سائين امر جليل کان جڏهن ان ريڊيو پروگرام کانپوءِ مهمانن واري ڪتاب (وزيٽرس بُڪ) تي راءِ ورتي وئي ته سائينءَ ان ۾ فڪشن نما هڪ ئي جملو لکيو: "اڄوڪو پروگرام مون گذريل جنم ۾ ڪيو هو ايندڙ پروگرام اڳئين جنم ۾ ڪندس."

### بقيا 01 ***

اڄ "بزنس ڪائونسل فار انٽرنيشنل انڊراسٽينڊنگ" (BCIU) ۽ "يو ايس-پاڪستان بزنس ڪائونسل" (USPBC) جي وفدن سان ملاقات ڪئي. وزيراعظم آفيس موجب، ملاقات ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي، مصنوعي ذهانت، ماليات، مشروبات، صنعتڪاري، دواسازي ۽ نامياتي شين جي شعبن سان لاڳاپيل ڪاروباري شخصيتن شرڪت ڪئي. وزيراعظم شهباز ڪاروباري نمائندن کي پاڪستان جي انهن پاليسين بابت آگاهه ڪيو، جن کي هن ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري لاءِ سازگار قرار ڏنو. ان سان گڏ معيشت جي مختلف شعبن کي ترقي ڏيڻ لاءِ کنيل قدمن کان پڻ آگاهه ڪيو هن ٻنهي ڪائونسلن کي "اسلام آباد ۽ واشنگٽن وچ ۾ بهترين پل" قرار ڏيندي چيو ته گذريل هڪ سال دوران پاڪستان ۽ آمريڪا جا لاڳاپا نمايان طور بهتر ٿيا آهن. وزيراعظم شهباز چيو، "اسان جي معيشت هاڻي مستحڪم آهي ۽ ترقي ڏانهن وڌي رهي آهي." "هن سيڙپڪاري جي امڪانن کي علائقائي استحڪام سان پڻ ڳنڍيندي چيو ته پاڪستان امن جي فروغ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي ۽ اميد رکي ٿو ته "دوستن ۽ برادر ملڪن" جي مدد سان خطي ۾ ڊگهي مدي وارو امن قائم ڪرڻ ۾ مدد ملندي. هن چيو، "خليج جو بحران اسان لاءِ هڪ ڏکئي وقت ۾ آيو هو" ۽ وڌيڪ چيو ته پاڪستان علائقائي امن جي ڪوشش ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. وزيراعظم شهباز اهو پڻ چيو ته پاڪستان "وڏي پيماني تي بنيادي ڍانچي واريون سڌارا" ڪيا آهن، جن ۾ معيشت جي ڊجيٽلائيزيشن، بورڊ آف روينيو ۾ سڌارا ۽ اي-گورننس شامل آهن. جڏهن ته انهن شعبن ۾ ڪم تيز رفتاري سان جاري آهي. زراعت ۾ سيڙپڪاري جا وڏا امڪان وزيراعظم زراعت کي انهن شعبن ۾ شامل ڪيو، جن ۾ "سڀ کان وڏو امڪان" موجود آهي. هن چيو ته جديد ٽيڪنالاجي ۽ مشينري جي استعمال سان في ايڪڙ پيداوار وڌائي، ڪارڪردگي بهتر بڻائي ۽ پيداوار جا خرچ گهٽائي سگهجن ٿا. هن چيو، "منهنجو مطلب آهي ته اڄ جي ٽيڪنالاجي، اڄ جي جديد مشينري، چاهي اهي ڪمبائن هارويسٽر هجن يا ٻيو سامان، اسان جي في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ ۽ وڌيڪ ڪارڪردگي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري رهيا آهن. پيداوار جي سطح بلند ڪري رهيا آهن ۽ آخري ڏاڪي تائين بچت ڪندي اسان جا خرچ گهٽائي رهيا آهن." پڙهو: اورنگزيب گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ موسمياتي تبديلين تي عملدرآمد بابت ترجيحن کي اجاگر ڪري ڇڏيو معدنيات، آءِ ٽي ۽ مصنوعي ذهانت معدنيات ۽ معدني وسيلن کي به سيڙپڪاري لاءِ اهم شعبو قرار ڏيندي وزيراعظم شهباز چيو ته پاڪستان کي "بي پناهه وسيلن" سان نوازيو ويو آهي. هن انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل منصوبن کي پڻ اجاگر ڪيو ۽ چيو ته پاڪستان جي نوجوان آبادي هڪ اهڙو اثاثو آهي، جنهن کي فني ۽ مهارتي تربيت ذريعي وڌيڪ ڪارآمد بڻائي سگهجي ٿو. وزيراعظم چيو، "اسان جي آبادي نوجوان آهي ۽ اسان انهن کي فني تربيت، مهارتن جي تربيت وغيره ذريعي بااختيار بڻائڻ لاءِ پنهنجي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيا آهيون." ان کان علاوه وزيراعظم شهباز توانائي جي ذخيرن، بندرگاهن ۽ ساموندي آمدرفت کي پڻ سيڙپڪاري جا موقعا فراهم ڪندڙ شعبا قرار ڏنو هن چيو ته پاڪستان تيل ۽ گئس سميت توانائي جي وسيلن لاءِ "سيڪيورٽي ۽ تحفظ" فراهم ڪري سگهي ٿو. نجڪاري تي به ڳالهه ٻولهه ملاقات دوران نجڪاري تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. وزيراعظم شهباز چيو ته اهو سيڙپڪارن لاءِ دلچسپي جو هڪ اهم شعبو آهي. هن چيو ته پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائنز (پي آءِ اي) جي نجڪاري ڪئي وئي آهي ۽ ان جا نوان پاڪستاني مالڪ ايئر لائن کي بهتر بڻائيندا. جڏهن ته بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين کي پڻ نجڪاري لاءِ تيار ڪيو پيو وڃي. وزيراعظم شهباز چيو، "حڪومت جو ڪم خانگي شعبي جي ڪاروبار ۽ سيڙپڪاري کي سهولت فراهم ڪرڻ ۽ سازگار ماحول مهيا ڪرڻ آهي." ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، دفاع وارو وزير خواجا محمد آصف، ناڻي وارو وزير محمد اورنگزيب، خاص معاون طارق فاطمي ۽ بلال بن ثاقب، گڏيل قومن ۾ پاڪستان جو مستقل نمائندو سفير عاصم افتخار ۽ آمريڪا ۾ پاڪستان جو سفير رضوان احمد شيخ پڻ موجود هئا. وزيراعظم شهباز جي پرنس رحيم آغا خان کي دوستاڻن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي دعوت بعد ۾ وزيراعظم شهباز شريف نيويارڪ ۾ پرنس رحيم آغا خان پنجين سان پڻ ملاقات ڪئي. پاڪستان حڪومت پاران ايڪس تي ڪيل پوسٽ موجب، وزيراعظم پرنس رحيم جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ۽ هن سال جي شروعات ۾ آغا خان جي پاڪستان جي دوري دوران ٿيل پنهنجي ملاقات کي خوشگوار انداز ۾ ياد ڪيو. شهباز شريف پاڪستان سان ڊگهي عرصي کان قائم دوستاڻن ۽ مثبت لاڳاپن کي برقرار رکڻ لاءِ پرنس رحيم جي عزم کي ساراهيو ۽ گڏيل مقصدن جي حاصلات لاءِ ساڻس ويجهي سهڪار جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. حڪومت چيو. "وزيراعظم پاڪستان سان ڊگهي عرصي کان قائم دوستاڻن ۽ مثبت لاڳاپن کي برقرار رکڻ لاءِ پرنس رحيم آغا خان جي عزم کي ساراهيو ۽ امن، استحڪام ۽ ترقي جي گڏيل مقصدن جي حاصلات لاءِ ساڻس ويجهي سهڪار جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو" حڪومت چيو ته "وزيراعظم پاڪستان جي سماجي ۽ معاشي ترقي ۾ اسماعيلي برادري جي ڊگهي عرصي کان جاري خدمتن کي ساراهيو ۽ معاشري جي خدمت ۽ شهري معاملن ۾ شرڪت جي ان جي قيمتي روايت کي اجاگر ڪيو.

### بقيا 02 ***

نت ۾ 174 قانوني ترميمون پيش ڪرڻيون پونديون. قومي اسيمبلي جي ناڻي ۽ روينيو بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ ناڻي واري وزارت جي سيڪريٽري امداد الله بوسال آءِ ايم ايف سان جاري پروگرام، ايندڙ قسط ۽ ٻين معاشي معاملن بابت بريفنگ ڏني. اجلاس دوران آءِ ايم ايف پروگرام سان لاڳاپيل شرطن ۽ انهن تي عملدرآمد جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ناڻي واري وزارت جي سيڪريٽري ٻڌايو ته مجموعي طور 174 ترميمون آهن، جن جي پارليامينٽ مان منظوري آءِ ايم ايف پروگرام جي شرطن تي عملدرآمد لاءِ ضروري آهي. انهن قانوني ترميمن ۾ مختلف اهم شعبا شامل آهن، جن ۾ ٽيڪس سڌارا، توانائي جو شعبو، نجڪاري، خودمختيار دولت فنڊ، ڪنڊ بابت پاليسي، اسلامي بئنڪنگ ۽ مالي استحڪام شامل آهن. اجلاس ۾ ڊسڪوز جي نجڪاري، پي آءِ اي جا 75 سيڪڙو شيئرز وڪڻ، حڪومتي خرچن ۾ ڪفايت، ٽيڪس ۽ توانائي سڌارن تي پارلياماني نگراني وڌيڪ سخت ڪرڻ جون تجويزون پڻ سامهون آيون. اجلاس ۾ ڪنڊ جي پاليسي بابت پڻ بريفنگ ڏني وئي، جنهن دوران ٻڌايو ويو ته ٽن صوبن پاليسي سان اتفاق ڪيو آهي، جڏهن ته هڪ صوبي کي تحفظات آهن. پاڪستان هن وقت آءِ ايم ايف جي 7 ارب ڊالرن واري (EFF) پروگرام تحت معاشي سڌارن تي عمل ڪري رهيو آهي. جڏهن ته آءِ ايم ايف مشن سان پروگرام جي ايندڙ جائزي بابت باضابطه ڳالهين جو عمل پڻ شروع ٿي چڪو آهي.

### بقيا 03 ***

واري هنڌ اسلام آباد جي داخلي رستن تي ٽريفڪ جا مسئلا شروع ٿي ويا آهن. موٽروي ايم ون جي ٽول پلازا تي ڪنٽينر لڳائي هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ رستو بند ڪيو ويو آهي. ٽريفڪ کي جي ٽي روڊ ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ايم ون جا آرام گاهه پڻ بند ڪيا ويا آهن. چويهه نمبر چونڪي تي مٽيءَ سان ڀريل ڪنٽينر لڳائي روڊ بند ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ٽيڪسلا ۾ به اسلام آباد ڏانهن ايندڙ روڊ تي ڪنٽينر بيهاريا ويا آهن. وفاقي گادي واري هنڌ جي ريڊ زون جي داخلا وارن هنڌن تي ڪنٽينرن جون پٽيون اڏائي هڪ کان وڌيڪ چڪ پوسٽون قائم ڪيون ويون آهن آءِ جي آفيس پنجاب ڪانسٽيبلري جي اهلڪارن لاءِ هڪ هزار رهيا روزانو خاص ڊيوٽي الائونس منظور ڪرڻ بابت حڪم نامو پڻ جاري ڪري ڇڏيو آهي. ان دوران پاڪستان تحريڪ انصاف جي لانگ مارچ کي نظر ۾ رکندي اسلام آباد، اٽڪ، جهلم، چڪوال ۽ ميانوالي ۾ رينجرز مقرر ڪئي وئي آهي انتشار پسند ۽ هٿيارٻند جٿن جي حملن جي صورت ۾ رينجرز ۽ پوليس کي مناسب ۽ ضروري جوابي ڪارروائي جا حڪم ڏنا ويا آهن ٻئي طرف اٽڪ پل تي به پشاور کان ايندڙ رستا بند ڪيا ويا آهن واضح رهي ته گذريل ڏينهن اسلام آباد ۽ پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ رينجرز مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي هئي.

### بقيا 04 ***

ي ڪري ڇڏيو ڪيس جو فيصلو اي ٽي سي جي جج امجد علي شاهه جي موڪل تي هجڻ سبب پهرين آڪٽوبر تائين ملتوي ڪيو ويو آهي عدالت 22 سيپٽمبر تي عليم خان سميت 10 جوابدارن خلاف ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪيو هو عدالت حتمي دليلن کانپوءِ فيصلو محفوظ ڪيو هو، جيڪو جمعي ڏينهن ٻڌايو وڃڻو هو.

### بقيا 05 ***

خطرو بڻجي رهيو آهي، جنهن جو بنيادي سبب سمنڊ جو گرم ٿيڻ ۽ برفاني چادرن ۽ گليشيئرن جو ڳرڻ آهي. 2024ع ۾ سڄي دنيا ۾ سمنڊ جي سطح لڳ ڀڳ 6 ملي ميٽر وڌي، جيڪا رڪارڊ ڪيل تاريخ ۾ هڪ سال دوران سڀ کان وڏو اضافو هو جيڪڏهن فوري ۽ انتهائي اثرائتا قدم نه کنيا ويا ته صديءَ جي پڇاڙي تائين سمنڊ جي سطح هڪ ميٽر يا ان کان به وڌيڪ وڌڻ جو امڪان آهي. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس چيو، "سمنڊ جي سطح ۾ اضافو ملي ميٽرن ۾ ماپيو وڃي ٿو پر ان جو نقصان لکين اجڙيل زندگين، پنهنجن گهرن مان لڏپلاڻ تي مجبور ٿيل برادرين ۽ ڪسجي ويل مستقبلن جي صورت ۾ سامهون اچي ٿو" هن چيو، "اسان ملڪن ۽ ثقافتن کي لهرن هيٺ غائب ٿيڻ جي اجازت نٿا ڏئي سگهون، ۽ نه ئي اربين ماڻهن جون اميدون سمنڊ ۾ ٻڏي وڃڻ ڏئي سگهون ٿا." هي اعلان ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ جاري ڪوششن کي نئين رفتار ڏيڻ جو مقصد رکي ٿو، جنهن ۾ گرين هائوس گيسن جي اخراج ۾ گهٽتائي ۽ ڪمزور ملڪن کي سندن موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ جي منصوبن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ مالي مدد فراهم ڪرڻ شامل آهي.

### بقيا 06 ***

بيان ۾ سعودي مفتي اعظم محاذ تي موجود سعودي فوجين ۽ اتحادي فوجن کي متحد ٿي حوثي حملن جو مقابلو ڪرڻ جي هدايت ڪئي ۽ ڪين صبر، ايمان ۽ ثابت قدميءَ سان پنهنجو مشن جاري رکڻ جي هدايت ڪئي. هن سعودي فوجين جي ملڪ ۽ عوام جي دفاع لاءِ ادا ڪيل ذميواري کي اهم قرار ڏيندي اهلڪارن کي فرضن جي ادائيگي دوران الله تي ڀروسو رکڻ ۽ ثابت قدم رهڻ جي هدايت پڻ ڪئي.

### بقيا 07 ***

يٽوريل بورڊز رياست ۽ معاشري جي وسيع تر مفاد ۾ سماجي ۽ اقتصادي، مذهبي ۽ سياسي مسئلن سان گڏوگڏ پرڏيهي پاليسي تي مناسب ڌيان ڏيندا. هن اها ڳالهه اخبار جي مطالعي جي قومي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو 25 سيپٽمبر تي ملهايو پيو وڃي. صدر آصف علي زرداري ان ڏينهن جي موقعي تي آزاد صحافت ۽ شهرين جي حقن جي تحفظ ۾ چوٿين ٿنڀ جي حيثيت سان ان جي ڪردار تي پنهنجي پختي يقين جو ورجاءُ ڪندي رياست ۽ معاشري بابت ۽ فيصلاسازن کي جوابده بڻائڻ جي حوالي سان ان جي ذميوارين جي ياد ڏياري. هن چيو ته جڏهن ته اسان متنوع ميڊيا جي تيز رفتار ترقي جو مشاهدو ڪري رهيا آهيون، اخبارون اڄ به عوامي راءِ جي جوڙجڪ ۽ باخبر شهري معاشري جي فروغ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هن چيو ته اڄ بدلجندڙ ميڊيا جي ماحول ۾ اخبارن جو مطالعو هاڻي رڳو مطبوعه صحفن تائين محدود ناهي رهيو پر اخبارون تيزي سان ڊيجيٽل پليٽ فارمز ۽ آن لائين پهچ جي ٻين شڪلين جي ذريعي پڻ پڙهندڙن تائين پهچي رهيون آهن. صدر چيو ته مصنوعي ذهانت جي تيز رفتار ترقي، جعلي خبرن کي هدف بڻائي ڦهلائڻ ۽ ڊس انفارميشن تي ٻڌل مهم به اسان جي سماجي قدرن، ثقافتي موقف ۽ طرزعمل کي متاثر ڪري رهي آهي. اهڙي ماحول ۾ ذميوارانه ادارتي نگراني تحت اعتماد جوڳي ۽ متوازن صحافت اڳ کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ اهميت اختيار ڪري وئي آهي. صدر پاڪستان جي نوجوانن تي زور ڀريو ته اهي اخبارن جي مطالعي جي عادت اختيار ڪن. ڀلي مطالعو مطبوعه شڪل ۾ هجي يا ڊيجيٽل پليٽ فارمز جي ذريعي ۽ ان سان گڏوگڏ پاڻ کي جديد ٽيڪنيڪي مهارتن سان پڻ ليس ڪن. هن چيو ته جمهوريت جي استحڪام ۾ اخبارن جي غيرجانبدارانه ۽ متوازن ڪردار کي قدر جي نگاهه سان ڏسان ٿو آئون اها به اميد ڪريان ٿو ته ادارتي بورڊز رياست ۽ معاشري جي وسيع تر مفاد ۾ سماجي ۽ اقتصادي، مذهبي ۽ سياسي مسئلن سان گڏوگڏ پرڏيهي پاليسي تي پڻ مناسب ڌيان ڏيندا رهندا. صدر آصف علي زرداري اميد ظاهر ڪئي ته آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (اي پي اين ايس) ۽ ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي بابت باخبر قومي مباحثي ۽ وسيع تر عوامي فهم ۽ آگاهي جي فروغ ۾ پنهنجو ڪردار جاري رکندا. صدر ان موقعي تي صحافت جي اعليٰ ترين معيار کي برقرار رکڻ ۽ آزاد صحافت جي لاءِ سازگار ماحول جي فروغ جي سلسلي ۾ پريس کي پنهنجي مسلسل حمايت جو ڀرپور يقين ڏياريو.

### بقيا 08 ***

ي ۽ خريد جا اگهه هن ريت جاري ڪيا آهن. آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 278.94 رپيا ۽ خريد جو اگهه 275.94 رپيا، برطانوي پائونڊ جي وڪري جو اگهه 368.53 رپيا ۽ خريد جو اگهه 364.18 رپيا رهيو. يورو جي وڪري جو اگهه 317.14 رپيا ۽ خريد جو اگهه 313.40 رپيا، جڏهن ته جاپاني ين جي وڪري جو اگهه 1.7617 رپيا ۽ خريد جو اگهه 1.7410 رپيا رهيو. اماراتي درهم جي وڪري جو اگهه 74.26 رپيا ۽ خريد جو اگهه 73.38 رپيا، سعودي ريال جي وڪري جو اگهه 75.95 رپيا ۽ خريد جو اگهه 75.06 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو.

### بقيا 09 ***

سرپرستي کان لاڳيتو انڪار ڪري رهي آهي. جنهن سبب دهشتگرد گروهه پاڪستان ۾ مسلسل گهڙڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن سيڪيورٽي ذريعن موجب پاڪستان ۾ مارجي ويل 260 افغان دهشتگردن جي نالن، پتن ۽ خانداني تفصيلن سان سڃاڻپ ٿي چڪي آهي، جڏهن ته انڄاتل ۽ سرگرم دهشتگرد ان انگ ۾ شامل ناهن. ذريعن ٻڌايو ته مارجي ويل افغان دهشتگردن جون تدفينون سندن اباڻن علائقن ۾ ڪيون ويون ۽ طالبان حڪومت جا عهديدار پڻ انهن جنازن ۾ شريڪ ٿيا. سيڪيورٽي ذريعن موجب پاڪستان ۾ گهڙندڙ وارن فتن الخوارج جي گروهن ۾ 70 سيڪڙو تائين دهشتگردن جو تعلق افغانستان سان آهي. افغان طالبان طرفان ڇڏيل آمريڪي ۽ نيٽو هٿيار فتن الخوارج ۽ فتن الهنود جي دهشتگردن کي فراهم ڪيا ويا، جن ۾ آمريڪي ساخت جون ايم-4 رائفلون، ريمنگٽن سنائپر رائفلون ۽ رات جو ڏسڻ وارا اوزار شامل آهن. جيڪي هن وقت دهشتگرد استعمال ڪري رهيا آهن ذريعن موجب پارٽ جي پنيرائي سان فتن الخوارج ۽ فتن الهنود افغانستان مان پاڪستان خلاف سرحد پار دهشتگردي ۾ سرگرم آهن. 2026ع دوران افغان سرزمين تان ٿيندڙ دهشتگرد ڪاروواين ۾ 1327 پاڪستاني شهيد ۽ 2484 زخمي ٿي چڪا آهن. ذريعن موجب گڏيل قومن جي رپورٽن مطابق افغانستان ۾ فتن الخوارج جي ويڙهاڪن جو انگ لڳ ڀڳ 6000 کان 6500 آهي، جڏهن ته 2025ع دوران فتن الخوارج 600 کان وڌيڪ دهشتگرد حملا ڪيا، جن مان ڪيترائي حملا افغان سرزمين تان پاڪستان خلاف ڪيا ويا. سيڪيورٽي ذريعن موجب فتن الخوارج ڪنڙ، ننگرهار، خوست ۽ پڪتيڪا ۾ تربيتي مرڪز قائم ڪري رکيا آهن. جڏهن ته انهن تربيتي مرڪزن ۾ افغان طالبان جي اهلڪارن جي شموليت جا به اطلاع سامهون آيا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته دهشتگردن جي نڪاڻن خلاف ڪارروائي ٿيندي ئي طالبان حڪومت دهشتگردن جي بچاءُ لاءِ سامهون اچي وڃي ٿي، جڏهن ته گڏيل قومن جون رپورٽون افغانستان ۾ القاعده ۽ داعش جي موجودگيءَ جي پڻ نشاندهي ڪري چڪيون آهن. پاڪستان جو مطالبو واضح آهي ته دهشتگردن جا نڪاڻا ختم ڪيا وڃن ۽ سرحد پار دهشتگردن جي گهڙڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي.

### بقيا 10 ***

ام اڱارو 29 سيپٽمبر 2026ع تي منجهند 12 وڳي محمد علي جناح آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪيو ويندو ڪراچي انسٽيٽيوٽ آف هارٽ ڊزيازان پاڪستان ڪارڊيڪ سوسائٽي، ڪراچي چيپٽر جي سهڪار سان عالمي دل جي ڏهاڙي 2026ع جي موقعي تي عوامي آگاهي پروگرام اڱارو 29 سيپٽمبر 2026ع تي منجهند 12 وڳي محمد علي جناح آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪيو ويندو. پروگرام جو مقصد عوام ۾ دل جي بيمارين کان بچاءُ، صحتمند طرز زندگي ۽ دل جي صحت بابت آگاهي پيدا ڪرڻ آهي. پروگرام دوران صحت جي اسڪريننگ، بي ايم آءِ جي جاچ، بلڊ شوگر جي اسڪريننگ، طرزِ زندگي ۾ مثبت تبديليون آڻڻ بابت آگاهي ۽ معلوماتي مواد فراهم ڪيو ويندو تقريب ۾ نامور دل جي بيمارين جي ماهرن ۽ صحت جي ماهرن سميت پروفيسر محمد اسحاق، پروفيسر منصور احمد، پروفيسر خالد سومرو، پروفيسر ايس. ايم. صفا، پروفيسر شاهد احمد، پروفيسر طارق اشرف، پروفيسر خان شاهه زمان، ڊاڪٽر اڪرم سلطان، ڊاڪٽر عاليه ڪمال، پروفيسر اسدالله حسيني ۽ پروفيسر عارف الرحمان مهمان مقررين طور شرڪت ڪندا پروگرام جي نظامت ڊاڪٽر ساجد علي خان ۽ ڊاڪٽر شيرين عارف ڪندا. ان موقعي تي KIHD جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر رفعت سلطانه ۽ ڊپٽي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر آصف خان پڻ شرڪت ڪندا. منتظمين موجب عالمي دل جي ڏهاڙي جي موقعي تي منعقد ٿيندڙ هن پروگرام جو مقصد عوام کي دل جي بيمارين کان بچاءُ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ، باقاعده طبي معائنو ڪرائڻ ۽ صحتمند طرزِ زندگي اپنائڻ بابت آگاهي فراهم ڪرڻ آهي. هن عوامي آگاهي پروگرام جو بنيادي پيغام آهي: "اڄ بچاءُ، سڀاڻي صحتمند دل لاءِ"

### بقيا 11 ***

(اين اِي او سي) مطابق مهم جي پهرين ڇئن ڏينهن ۾ 2 ڪروڙ 65 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريا ويا آهن. ملڪ جي چونڊ ضلعن ۾ پوليو جي روڪٿام جي خاص مهم 21 کان 27 سيپٽمبر تائين جاري رهندي، جنهن دوران مجموعي طور تي 3 ڪروڙ 10 لک ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. مهم دوران 2 لک 73 هزار کان وڌيڪ پوليو ورڪرز گهر گهر وڃي ٻارن کي ڦڙا پيارڻ ۾ مصروف آهن. اين اِي او سي مطابق پنجاب جي منتخب ضلعن ۾ اٽڪل 75 لک 11 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريا ويا آهن. سنڌ جي 30 ضلعن ۾ اٽڪل 90 لک 10 هزار ٻارن، خيبرپختونخوا جي 37 منتخب ضلعن ۾ 69 لک 20 هزار کان وڌيڪ، بلوچستان جي 32 ضلعن ۾ 20 لک 93 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريا ويا آهن. اهڙي طرح اسلام آباد ۾ 4 لک 41 هزار کان وڌيڪ جڏهن ته گلگت بلتستان جي 2 منتخب ضلعن ۾ اٽڪل هڪ لک 40 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياريا ويا آهن. اين سي او سي والدين کي اپيل ڪئي آهي ته اهي پنهنجن پنجن سالن جي عمر تائين جي هر ٻار کي پوليو روڪٿام مهم دوران ڦڙا لازمي پيارن ته جيئن ٻارن کي ان موذي مرض کان محفوظ رکي سگهجي.

### بقيا 12 ***

يڊيا مطابق اها ڳالهه عراق جي پرڏيهي وزارت گذريل ڏينهن هڪ بيان ۾ چئي آهي. پرڏيهي وزارت جي هيڊڪوارٽرز ۾ عراق جي نائب پرڏيهي وزير محمد حسين ۽ عراق ۾ آمريڪي سفارتخاني جا انتظام سنڀاليندڙ اسٽيون فگن معاهدي تي صحيحون ڪيون. بيان ۾ ٻڌايو ويو ته اها منتقلي عراق جي حڪومت جي انهن ڪوششن جو حصو آهي جنهن جو مقصد آمريڪا جي قيادت ۾ قائم عالمي اتحاد جي خاتمي ۽ عراق ۾ پرڏيهي فوجي موجودگي جي خاتمي بابت ڪارروايون مڪمل ڪرڻ آهي. ان لاءِ هلندڙ سال 30 سيپٽمبر تائين جو مدو طئي آهي. عراق جي پرڏيهي وزير چيو ته اهو قدم ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن خاص طور تي اقتصادي، ترقياتي ۽ توانائي جي شعبن ۾ شراڪتداري جي هڪ نئين مرحلي ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ اهم آهي. عراق جي وزيراعظم ان ڳالهه تي زور ڀريو آهي ته ملڪ ۾ آمريڪا جي قيادت ۾ قائم اتحاد جي فوجي مشن جي خاتمي ۽ ان جي فوجين جي واپسي جي تڪميل جي حتمي شڪل 30 سيپٽمبر آهي. هن چيو ته پهرين آڪٽوبر کان عراق لاءِ نئين دور جي شروعات هوندي جڏهن ته ملڪ پرڏيهي فوج جي موجودگي کان آزاد ٿي ويندو ۽ پنهنجي سرزمين تي مڪمل قومي خودمختياري استعمال ڪندو.

### بقيا 13 ***

ڪميٽي جو اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ لاڳاپيل وزارتن، ادارن ۽ ڊويزنن جي عملدارن شرڪت ڪئي. وزارت جي ترجمان موجب اجلاس ۾ ڪابينه ڪميٽي آئل اينڊ گيس ريگوليٽري اٿارٽي فيس اينڊ چارجز رولز جي منظوري ڏني. ڪميٽي بجلي جي پيداوار، فراهمي ۽ ورڇ بابت قانون ۾ ترميم جي پڻ مشروط منظوري ڏني. اها منظوري ڪابينه ڪميٽي جي سفارشن ۽ تجويزن جي ڄاڻايل ترميم ۾ شامل ڪرڻ سان مشروط ڪئي وئي. ڪابينه ڪميٽي پاڪستان ڪوسٽ گارڊز ايڪٽ 1973ع ۾ علائقائي فنڊ جي قاعدن بابت ترميم جي پڻ منظوري ڏني جڏهن ته ڊرگس ريسرچ رولز 1978ع ۾ تجويز ڪيل ترميم پڻ منظوري ڪري ورتي. اجلاس ۾ ايف آءِ اي ايڪٽ 1974ع ۾ تجويز ڪيل ترميم ۽ اميگريشن رولز 1979ع ۾ ترميم جا معاملا ملتوي ڪيا ويا.

### بقيا 14 ***

ستان ۽ پاڪستان جي انگن اکرن واري اداري مطابق هلندڙ مالي سال جي پهرين ٻن مهينن دوران پام آئل ۽ سويا بين آئل جي مجموعي آمدني واپار تي 613.37 ملين ڊالرن جو پرڏيهي متاسٽا وارو ناڻو خرچ ٿيو جيڪو گذريل مالي سال جي ان مدي جي 609.55 ملين ڊالرن جي ڀيٽ ۾ 0.63 سيڪڙو وڌيڪ آهي. مالي سال جي پهرين 2 مهينن دوران پام آئل جي آمدني واپار تي 613.06 ملين ڊالرن جو پرڏيهي متاسٽا جو ناڻو خرچ ٿيو. گذريل مالي سال جي ان مدي ۾ پام آئل جي آمدني واپار تي 583.51 ملين ڊالرز خرچ ٿيا هئا. اهڙي طرح جائزي هيٺ مدي دوران پام آئل جي آمدني واپار ۾ 29.55 ملين ڊالرز جو اضافو رڪارڊ ٿيو. انگن اکرن مطابق آگسٽ 2026ع دوران پام آئل جي آمدني واپار جو گهاٽيتو 209.76 ملين ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو جولاءِ 2026ع ۾ 363.29 ملين ڊالرز جي ڀيٽ ۾ 153.53 ملين ڊالرز گهٽ آهي پر گذريل سال آگسٽ جي 209.16 ملين ڊالرز جي ڀيٽ ۾ هلندڙ سال آگسٽ ۾ پام آئل جي آمدني واپار تي 0.60 ملين ڊالرز جو اضافو ٿيو. مالي سال 2026ع دوران پام آئل جي مجموعي واپار تي 3.570 ارب ڊالرز جو متاسٽا وارو ناڻو خرچ ٿيو هو. انگن اکرن مطابق هلندڙ سال 2026ع دوران پام آئل جي مجموعي آمدني واپار تي 3.570 ارب ڊالرز جو متاسٽا وارو ناڻو خرچ ٿيو هو. انگن اکرن مطابق هلندڙ مالي سال جي پهرين 2 مهينن دوران سويابين آئل جي آمدني واپار تي 0.31 ملين ڊالرز جو متاسٽا وارو ناڻو خرچ ٿيو جڏهن ته گذريل مالي سال جي
ان مدي ۾ سويابين آئل جي آمدني واپار جو گهاٽيتو 26.04 ملين ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو هو اهڙي طرح جائزي هيٺ مدي دوران سويابين آئل جي آمدني واپار ۾ نمايان گهٽتائي رڪارڊ ٿي. آگسٽ 2026ع دوران سويابين آئل جو آمدني واپار زيرو رهيو جڏهن ته جولاءِ 2026ع ۾ ان جي آمدني واپار جو گهاٽيتو 0.31 ملين ڊالرز ۽ گذريل سال آگسٽ ۾ 12.30 ملين ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو هو. گذريل مالي سال دوران سويابين آئل جي مجموعي واپار جو گهاٽيتو 72.19 ملين ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو هو.

### بقيا 15 ***

خان جي پٽ قاسم خان پاڪستاني عوام کي اپيل ڪئي آهي ته اڏيالا جيل پرسان مارچ يا احتجاج ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي قاسم خان ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ عوام کي اپيل ڪندي دعويٰ ڪئي آهي ته ڪيس پنهنجن ذريعن کان اطلاع مليا آهن ته اهڙي ڪنهن به ميڙ کي اڏيالا جيل تي جوابي ڪارروائي لاءِ جواز طور استعمال ڪري سگهجي ٿو جتي سندس والد قيد آهي، ۽ اهڙي ڪنهن به صورتحال ۾ سندس حياتي کي سخت خطرو ٿي سگهي ٿو هن پنهنجي پوسٽ ۾ چيو ته تنهن ڪري هو سڀني کي اپيل ڪري ٿو ته احتياط ۽ تحمل کان ڪم وٺن ۽ ڪنهن کي به اهڙو جواز يا موقعو نه ڏين، جنهن جي نتيجي ۾ اهڙو ڪو واقعو پيش اچي، جيڪو سندس والد جي جان لاءِ خطرو بڻجي وڃي.

### بقيا 16 ***

، عدالت جي ڪمري، راهدارين ۽ انتظار گاهن سميت صحافين لاءِ مخصوص ڪيل هنڌ ڪانسواءِ ٻين هنڌن تي وڊيو رڪارڊنگ ۽ فوٽوگرافي تي پابندي هوندي. سرڪيولر ۾ چيو ويو آهي ته پابندي جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ماڻهن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. سرڪيولر موجب، پابندي جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ماڻهن جا موبائل فون ۽ رڪارڊنگ جا اوزار ضبط ڪيا ويندا.

### بقيا 17 ***

امن عامہ (ايم پي او) آرڊيننس تحت نظربند ڪرڻ خلاف داخل درخواست تي پنجاب جي گهرو سيڪريٽري کان جواب طلب ڪري ورتو عليمه خان کي 20 سيپٽمبر تي اختيارين پاران نظربند ڪيو ويو هو، جنهن کانپوءِ لاهور جي ڊپٽي ڪمشنر (ڊي سي) جي آفيس کيس 30 ڏينهن لاءِ نظربند يا گرفتار ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو هو ڊي سي جي حڪم ۾ لاهور ڪيپيٽل سٽي پوليس آفيسر جي هڪ خط جو حوالو ڏنو ويو هو، جنهن ۾ پوليس رپورٽن جي بنياد تي چيو ويو هو ته عليمه ۽ عامر "عوام جي سلامتي ۽ امن عامه جي برقرار رکڻ لاءِ نقصانڪار" آهن. جسٽس اظهر گل خان ان درخواست تي ٻڌڻي ڪري رهيا آهن. گذريل ٻڌڻي دوران جسٽس اظهر درخواست جي ٻڌڻي جوڳي هجڻ بابت دليل طلب ڪيا هئا. جمعي ڏينهن جڏهن ٻڌڻي ٻيهر شروع ٿي ته پنجاب حڪومت جي قانوني آفيسر عدالت کي درخواست خارج ڪرڻ جي استدعا ڪئي ۽ موقف اختيار ڪيو ته گهرو سيڪريٽري اڳ ئي لاهور جي ڊي سي پاران 28 سيپٽمبر تي جاري ڪيل نظربندي جي حڪم جو جائزو وٺڻ لاءِ ٻڌڻي مقرر ڪري چڪو آهي. جج، تنهن هوندي به، گهرو سيڪريٽري کي نوٽيس جاري ڪندي درخواست تي جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي. بيرسٽر تيمور ملڪ عدالت کي ٻڌايو ته سندس موڪل عليمه خان کي جيل ۾ دوائون ۽ ٻيون ضروري شيون حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جج وڪيل کي هدايت ڪئي ته ان معاملي تي الڳ درخواست داخل ڪئي وڃي. عليمه خان جي نظربندي اهڙي وقت ٿي آهي، جڏهن پي ٽي آءِ خلاف ڪريڪ ڊائون ۽ 27 سيپٽمبر تي سڄي ملڪ ۾ احتجاج ۽ اسلام آباد ڏانهن مارچ کان اڳ ڪارروائين جون رپورٽون سامهون اچي رهيون آهن. پارٽي جو چوڻ آهي ته احتجاج ۽ مارچ جو مقصد عمران خان جي جيل مان آزادي جو مطالبو ڪرڻ ۽ ماڻهن کي آئين جي بالادستي لاءِ متحرڪ ڪرڻ آهي. عليمه خان جي پٽ شهريز خان، ايڊووڪيٽ رانا مدثر عمر جي ذريعي درخواست داخل ڪئي، جنهن ۾ سندس ماءُ ۽ ٻن ماين خلاف لاهور ڊي سي پاران جاري ڪيل نظربندي جي حڪمن کي چئلينج ڪيو ويو آهي. عليمه خان جي نظربندي کانپوءِ سندس ٻه ڀينرون، ڊاڪٽر عظميٰ خان ۽ نورين نيازي، کي به ايم پي او تحت نظربند ڪيو ويو. هڪ ڏينهن اڳ لاهور هاءِ ڪورٽ نورين ۽ ڊاڪٽر عظميٰ خلاف جاري ڪيل حفاظتي نظربندي جي نوٽيفڪيشنز کي فوري طور معطل ڪرڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي هئي.

### بقيا 18 ***

ي ٽي آءِ دهشتگردن جي پنيرائي ۽ سهولتڪاري ڪري ٿي ۽ ان کانپوءِ پاڻ کي سياسي جماعت سڏائي ٿي. هن سهيل آفريدي بابت چيو ته هو وڏي وزير کان وڌيڪ تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) جي ڪمانڊر نظر اچي ٿو. وفاقي وزير دعويٰ ڪئي ته پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ لاءِ ڪا خاص تياري به نظر نٿي اچي، جنهن سبب پارٽي احتجاج کان پوئتي هٽي رهي آهي. هن پي ٽي آءِ کي چئلينج ڪندي چيو ته جيڪڏهن همت آهي ته اسلام آباد اچي لانگ مارچ ڪري. عطا تارڙ چيو ته خيبرپختونخوا جي سمورين سياسي جماعتن تي دهشتگردن حملا ڪيا آهن، جڏهن ته سندس دعويٰ موجب صوبائي حڪومت دهشتگردن خلاف ڪارروائي کان پاسو ڪري رهي آهي. هن چيو ته امن امان برقرار رکڻ صوبائي حڪومت جي آئيني ۽ انتظامي ذميواري آهي. هوڏانهن، پي ٽي آءِ اڳ ئي 27 سيپٽمبر تي اسلام آباد مارچ جاري رکڻ جو اعلان ڪري چڪي آهي ۽ پارٽي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته احتجاج پرامن هوندو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پنهنجي تازي فيصلي ۾ قرار ڏنو آهي ته ڪنهن به سياسي جماعت کي عوامي روڊن، شاهراهن يا ٻين هنڌن تي قبضو ڪري شهرين جي آزاد اچ وڃ ۾ رنڊڪ وجهڻ جو قانوني حق حاصل ناهي.

### بقيا 19 ***

۽ ترڪيءَ جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان سان ملاقات ٿي جنهن ۾ مڪه مڪرمه گڏيل دفاعي معاهدي تحت ادارتي ڍانچن جي قيام تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو جمعي ڏينهن ايڪس تي پيغام ۾، اسحاق ڊار چيو ته گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي موقعي تي پنهنجي پرڏيهي وفدن سان گڏ نيويارڪ ۾ اها ملاقات ٿي جنهن ۾ مڪه مڪرمه گڏيل دفاعي معاهدي جي فريم ورڪ تحت ادارتي ڍانچن جي قيام تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو ان سان گڏوگڏ علائقائي ۽ عالمي سلامتي سان لاڳاپيل مسئلن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

### بقيا 20 ***

ار ورتو ويندو هن چيو ته مين اسٽريم ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي جعلي خبرن جي روزاني بنياد تي نگراني ڪئي ويندي ۽ جعلي خبرن جي نشاندهي لاءِ سنڌ جي اطلاعات کاتي ۾ مانيٽرنگ جو نظام قائم ڪيو ويندو شرجيل ميمڻ موجب جعلي خبرون ٺاهيندڙن ۽ ڦهلائيندڙن خلاف ڪارروائي لاءِ قومي سائبر ڪرائم تحقيقاتي اداري سان سهڪار وڌايو ويندو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت جو بيانيو امن، برداشت، هم آهنگي ۽ قومي اتحاد تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ سمورن طبقن جي نمائندن کي شامل ڪيو ويندو.

### بقيا 21 ***

جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي موقعي تي سنگاپور جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر ويوين بالا ڪرشنان سان ملاقات ڪئي. جمعي ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب، ٻنهي ڌرين ٻطرفن لاڳاپن جو جائزو ورتو ۽ گڏيل دلچسپي جي مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. انهن اتفاق ڪيو ته مسلسل رابطا ۽ اعليٰ سطح جي متاسٽا ٻطرفي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ ۽ گڏيل لاڀائتي تعاون کي اڳتي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. ٻنهي پرڏيهي وزيرن گڏيل مفاد جي علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائين تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. سنگاپور جي پرڏيهي وزير علائقائي چئلينجن کي منهن ڏين لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري کي فروغ ڏيڻ جي پاڪستان جي ڪوششن جي واکاڻ ڪئي. ٻنهي وزيرن ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو.

### بقيا 22 ***

چيٽ گرين سان ملاقات ڪئي جنهن دوران هن ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو جمعي ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري ڪيل بيان موجب، ملاقات دوران، ٻنهي اڳواڻن تعليم، سفارتي تربيت ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ٻنهي اڳواڻن گهڻ طرفي فورمن ۾ تعاون کي وڌيڪ وڌائڻ ۽ گڏيل قومن جي پليٽ فارمن تي تعاون جي اهميت تي زور ڏنو ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن دولت مشترڪه ۽ گڏيل قومن جي پليٽ فارمن تي تعاون جي اهميت تي زور ڏنو ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن دولت مشترڪه جي ايندڙ سربراه اجلاس دوران ٻيهر ملاقات تي اتفاق ڪيو دولت مشترڪه جو سربراه اجلاس نومبر 2026ع ۾ سينٽ جان، اينٽيگوا ۽ باربوڊا ۾ منعقد ٿيندو.

### بقيا 23 ***

۽ مڪي گڏيل دفاعي معاهدي تحت سعودي عرب جي مدد جي طريقيڪار تي غور لاءِ سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي جي اعليٰ فوجي قيادت جو هنگامي اجلاس طلب ڪيو ويو آهي. سعودي عرب، پاڪستان ۽ ترڪي جي پرڏيهي وزيرن نيويارڪ ۾ ملاقات دوران ٽنهي ملڪن جي چيفس آف اسٽاف جي هنگامي اجلاس جي تيارين تي غور ڪيو ملاقات ۾ سعودي پرڏيهي وزير شهزادي فيصل بن فرحان، پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ ترڪ پرڏيهي وزير حاقان فيدان شريڪ ٿيا. سعودي پرڏيهي کاتي موجب، ٽنهي ملڪن جا اعليٰ فوجي عملدار مڪي دفاعي معاهدي تحت سعودي عرب جي مدد جي ممڪن طريقن تي غور ڪندا. ملاقات دوران ٽنهي پرڏيهي وزيرن مڪي شريف ۽ سعودي عرب جي شهري ۽ معاشي ٺاڪن کي نشانو بڻائيندڙ حملن جي سخت مذمت ڪئي ۽ سعودي عرب جي پنهنجي دفاع جي حق جي حمايت ڪئي. ان ڪانسواءِ مڪي دفاعي معاهدي تحت جنرل سيڪريٽريٽ، ڪميٽين ۽ ورڪنگ گروپن جي جوڙجڪ ۽ معاهدي تي عملدرآمد شروع ڪرڻ جي تيارين جو به جائزو ورتو ويو. ترڪ فوج جي سربراه جنرل سلجوق بائراڪتر اوغلو سعودي عرب روانو ٿيندو، جتي هو سعودي ۽ پاڪستاني فوجي قيادت سان گڏ مڪي دفاعي معاهدي تحت اجلاس ۾ شرڪت ڪندو اجلاس ۾ سعودي عرب کي ڪهڙي نوعيت جي مدد فراهم ڪئي ويندي، ان بابت حتمي تفصيل اڃا سامهون نه آيا آهن. ياد رهي ته مڪي معاهدي تحت ڪنهن هڪ ملڪ تي هٿيارٻند حملو ٽنهي ملڪن تي حملو تصور ڪيو ويندو.

### بقيا 24 ***

يٽ ٽيڪس پيئرز آفيسون ۽ ريجنل ٽيڪس آفيسون ڇنڇر ڏينهن 26 سيپٽمبر تي به معمول مطابق کليل رهنديون. ايف بي آر پاران ان حوالي سان سمورن ڪمشنرز ان لينڊ ريونيو آفيسن کي جاري خط ۾ هدايت ڪئي وئي آهي ته لارج ٽيڪس پيئرز آفيسون (ايل ٽي اوز)، ڪارپوريٽ ٽيڪس پيئرز آفيسون (سي ٽي اوز) ۽ ريجنل ٽيڪس آفيسون (آر ٽي اوز) ڇنڇر 26 سيپٽمبر تي معمول مطابق کليل رکيون وڃن ته جيئن حڪومتي ڊيوٽيز ۽ ٽيڪسن جي وصولي جو عمل جاري رهي.

### بقيا 25 ***

ي آهي. شهريار ميمڻ موجب هن سيڪريٽري سروسز سنڌ کي عهدي تان رليو ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي. سندس چوڻ آهي ته ذاتي نوعيت جي ريمارڪس سبب ڪيس ذهني اذيت ۽ جذباتي صدمو پهتو هن چيو ته ڪيس هي عهدو ڪنهن ذاتي مهرباني بدران ميرٽ ۽ محنت جي بنياد تي مليو هو. تنهن ڪري عهدي جي ساک ۽ ذاتي وقار برقرار رکڻ لاءِ موجوده ذميواري جاري رکڻ مناسب نٿو سمجهي. شهريار ميمڻ درخواست جون ڪاپيون سيڪريٽري صحت سنڌ ۽ صحت واري وزير جي پرسنل سيڪريٽري کي پڻ موڪليون آهن. واضح رهي ته شهريار ميمڻ کي 21 سيپٽمبر تي ڊي جي هيلٿ سروسز سنڌ حيدرآباد مقرر ڪيو ويو هو.

### بقيا 26 ***

مارچ 5 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب، پشاور ۾ پي ٽي آءِ جي سياسي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ اسلام آباد ڏانهن رٿيل لانگ مارچ کي 5 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ذريعن جو چوڻ آهي ته لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جو فيصلو پي ٽي آءِ جي سياسي ڪميٽي ڪيو. جڏهن ته اجلاس ۾ خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي سميت پارٽي جا اهم اڳواڻ شريڪ ٿيا. رپورٽن موجب، فيصلي جو باضابطا اعلان اتحادي اڳواڻن محمود خان اڇڪزئي ۽ علامه راجا ناصر عباس کي اعتماد ۾ وٺڻ کانپوءِ ڪيو ويندو.

### بقيا 27 ***

وٽيس جاري ڪندي 7 آڪٽوبر تي جواب طلب ڪري ورتو جسٽس يوسف علي سعيد جي سربراهي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ٻن ميمبرن تي ٻڌل آئيني بينچ جماعت اسلامي طرفان داخل ڪرايل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. درخواستگذار جي وڪيل محمد واوڊا موقف اختيار ڪيو ته سنڌ اسيمبلي هلندڙ مهيني سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ 2013ع ۾ ترميم ڪئي آهي، جنهن تحت صوبي ۾ موجود چونڊيل ميئر ۽ چيئرمين نون مڪاني چونڊن تائين پنهنجن عهدن تي ڪم جاري رکي سگهندا وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته قانون جي شق 21 تحت ميئرن، چيئرمينن ۽ ڪائونسلن جي چونڊيل نمائندن جي مُدي 4 سال مقرر آهي، جڏهن ته تازي ترميم ذريعي موجوده چونڊيل نمائندن کي نون چونڊن تائين عهدن تي برقرار رکڻ جي گنجائش پيدا ڪئي وئي آهي. عدالت پڇالو ڪيو ته ڄاڻايل ترميم سان درخواستگذار ڪيئن متاثر ٿي رهيو آهي؟ ان تي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته نئين ترميم موجوده قانون جي ڪجهه شقن سان ٽڪراءُ ۾ آهي. سندس چوڻ هو ته هڪ طرف قانون ۾ چونڊيل نمائندن جي مُدي 4 سال مقرر آهي، جڏهن ته ٻي طرف ترميم ذريعي ڪين نون چونڊن تائين عهدن تي برقرار رکڻ جي اجازت ڏني وئي آهي وڪيل وڌيڪ موقف اختيار ڪيو ته ماضي ۾ ڪيترن ئي موقعن تي 3، 3 ۽ 4، 4 سالن تائين مڪاني چونڊون نه ٿي سگهيون. اهڙي صورتحال ۾ چونڊيل نمائندن جو مُدو مقرر 4 سالن کان وڌي 7 يا 8 سالن تائين ٿي سگهي ٿو عدالت درخواست تي سنڌ حڪومت، ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ سميت ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ايندڙ ٻڌڻي تي جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي. عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 7 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

### بقيا 28 ***

ل نوٽيفڪيشن موجب، ڪراچي ڊويزن جي حدن اندر 5 کان وڌيڪ ماڻهن جي ميڙ، احتجاج، مظاهرن، ڌرڻن، ريلين، جلسن ۽ جلوسن سميت ٻين عوامي گڏجاڻين تي پابندي هوندي نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ احتجاجن، مظاهرن ۽ ريلين سبب اهم روڊن، چوڪن ۽ رستن تي ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي ڪراچي ڊويزن سميت سکر ۽ حيدرآباد ڊويزن ۾ به قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي، جنهن جا لاڳاپيل ڊويزنن جي ڪمشنرن طرفان نوٽيفڪيشن جاري ڪيا ويا آهن.

### بقيا 29 ***

هر صورت ٿيندو، اسان جو مارچ پُرامن آهي، پلي هو ڪوڪا هڻن، ڪنٽينر رکن يا گولي هلائن هن چيو ته پي ٽي آءِ جي سياسي ڪميٽي جو اجلاس اڃا جاري آهي، جنهن کانپوءِ ٻيهر ملاقات ٿيندي. سهيل آفريدي دعويٰ ڪئي ته ڪين پيغام مليو آهي ته ٽي وي تي سندن پريس ڪانفرنس نشر نه ڪئي ويندي. هن چيو ته جيڪا سازش هلي رهي آهي، اها ڏاڍي خطرناڪ آهي هن وڌيڪ چيو ته اسان جي وزيرن کي اغوا ڪيو پيو وڃي. جنهن سيڪريٽريٽ مان سڄي صوبي جو نظام هلي ٿو، اتي ڌمڪيون ڏئي ڪم بند ڪرايو ويو آهي. اتي ڪو خطرو نه هو. ڪينٽ سڄو فوج جي قبضي ۾ آهي.

### بقيا 30 ***

آهي. هڪ بيان ۾ مصطفيٰ ڪمال چيو ته وفاق اين ايف سي ايوارڊ تحت صوبن کي رقم فراهم ڪري ٿو. موجوده بجيٽ ۾ 8 هزار 884 ارب رپيا صوبن کي منتقل ڪيا ويا آهن. تنهن هوندي به عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ حڪمراني جا مسئلا حل نه ٿي سگهيا آهن. هن چيو ته 18هين ترميم کانپوءِ اختيارن جو وڏو حصو صوبن ڏانهن منتقل ٿيو ۽ عملي طور ملڪ چئن حصن ۾ ورهائجي ويو آهي. صوبن کي مالي وسيلا ملي رهيا آهن. ان ڪري اسان خاموش آهيون. پر آبادي ۾ واڌ ۽ انتظامي ضرورتن سبب موجوده نظام تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي. مصطفيٰ ڪمال چيو ته وڏن صوبن ۾ انتظامي معاملن ۽ وسيلن جي ورڇ جا مسئلا وڌي رهيا آهن. تنهن ڪري ملڪ ۾ نون انتظامي يونٽن ۽ صوبن جي قيام بابت سنجيده بحث ٿيڻ گهرجي. سندس چوڻ موجب نندا انتظامي يونٽ قائم ٿيڻ سان اختيار عوام جي دروازي تائين پهچائڻ ۽ شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي وفاقي صحت واري وزير چيو ته نون صوبن جو معاملو رڳو ڪنهن هڪ علائقي يا جماعت جو مسئلو ناهي. پر اهو ملڪ جي انتظامي ۽ معاشي مستقبل سان لاڳاپيل اهم معاملو آهي، جنهن تي سياسي جماعتن ۽ سمورن لاڳاپيل ڌرين کي قومي سطح تي غور ڪرڻ گهرجي.

### بقيا 31 ***

تائين 6500 کان وڌيڪ فلسطيني شهري اسرائيلي آبادڪارن جي حملن ۽ پهچ تي پابندين سبب بي گهر ٿي چڪا آهن. پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ڳالهه جمعي ڏينهن گڏيل قومن جي انساني معاملن جي شعبي (او سي ايڇ اي) هڪ بيان ۾ چئي. اوڇا ٻڌايو ته هڪ تازي نقشي ۾ انهن آبادين جا هنڌ ڏيکاريا ويا آهن جتان ماڻهو بي گهر ٿيا، جن ۾ سال 2023ع کان هن وقت تائين آبادڪارن جا 6 هزار کان وڌيڪ حملن وارچيو ته والاريل فلسطيني علائقي جي سمورن فلسطينين کي تحفظ فراهم ڪرڻ گهرجي ۽ ڪين پنهنجن گهرن، زيتون جي باغن، ڪم جي جاين، اسڪولن ۽ بنيادي خدمتن تائين محفوظ ۽ باوقار انداز ۾ پهچ حاصل هجڻ گهرجي. اداري زور ڀريو ته حملن جي ذميوار ماڻهن کي جوابده ڪيو وڃي.

### بقيا 32 ***

جي موقعي تي بحرين جي پرڏيهي معاملن جي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني سان ملاقات ڪئي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب، ٻنهي اڳواڻن ٻطرفي لاڳاپن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، جنهن ۾ گڏيل وزارتي ڪميشن جي نئين اجلاس جُون تياريون به شامل هُيون. هنن علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. بحرين جي پرڏيهي وزير علائقائي امن ۽ استحڪام کي فروغ ڏيڻ ۾ پاڪستان جي تعميري ڪردار جي واکاڻ ڪئي. ٻنهي پرڏيهي وزيرن ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ ٻطرفي ۽ گهڻ طرفي فورمن تي ويجها رابطا برقرار رکڻ جي عزم کي ورجايو.

### بقيا 33 ***

جي اپگريڊيشن بابت عدالتي حڪمن تي عمل نه ڪرڻ خلاف توهين عدالت جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي. عدالت عدالتي حڪمن تي عمل نه ٿيڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ريمارڪس ڏنا ته اپريل ۾ مٿرين فشريز ڊپارٽمينٽ اپگريڊيشن بابت سفارشون موڪلڻ جو بيان ڏنو هو پر اڃا تائين معاملو حل نه ٿي سگهيو آهي. مٿرين فشريز ڊپارٽمينٽ طرفان عدالت کي ٻڌايو ويو ته معاملو ناڻي ۽ اسٽيبلشمينٽ ڊويزن وٽ غور هيٺ آهي. درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته لاڳاپيل اختيارين عدالتي حڪمن باوجود گريڊ 14 جي ريسرچ اسسٽنٽ جي عهدي کي اپگريڊ نه ڪري رهيا آهن. عدالت توهين عدالت جي نامزد جوابدارن کي ايندڙ ٻڌڻي تائين عدالتي حڪمن تي عملدرآمد جي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ريمارڪس ڏنا ته رپورٽ پيش نه ڪئي وئي ته آفيسر ذاتي حيثيت ۾ عدالت ۾ پيش ٿين، ٻي صورت ۾ غيرحاضري تي توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي وڃي سگهي ٿي. عدالت سيڪريٽري اسٽيبلشمينٽ ڊويزن ۽ سيڪريٽري مٿرين فشريز کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي ٻڌڻي 15 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

### بقيا 34 ***

ل جوڊيشل ڪميشن جي ٻڌڻي دوران پوليس ۽ صحت کاتي جي اختيارين کان جاچ جي طريقيڪار، ميڊيڪل بورڊ جي تبديلي، سي سي ٽي وي فوٽيج، ڪرائيم سين مان ثبوتن جي حصول ۽ ٻين معاملن بابت سخت پڇاڻو ڪيو ويو. ٻڌڻي دوران ڪرائيم سين پرسان موجود جهنگ کي ٻاهه ڏيڻ واري معاملي تي جسٽس عمر سيال ۽ ايس ايس پي ايس آءِ يو سميع الله سومرو وچ ۾ جملن جي ڏي وٺ پڻ ٿي. جسٽس عمر سيال سوال ڪيو ته ڇا ڪرائيم سين کي باهه ڏني وئي هئي، جنهن تي سميع الله سومرو وضاحت ڪئي ته هن هڪ سب انسپيڪٽر کي گولي جو خول ڳولڻ جي ذميواري ڏني هئي، جڏهن ته ٽيم پاران ٻڌايو ويو ته جهنگ وڌيڪ هجڻ سبب ڳولا ۾ ڏکيائي پيش اچي رهي هئي. سميع الله سومرو موجب پوليس آفيسر غوث ڪرائيم سين پرسان موجود جهنگ کي باهه ڏني، جڏهن ته ٻئي ڏينهن اي ايس پي آشر جي سربراهي ۾ ٽيم موڪلي وئي، جنهن کي بعد ۾ گولي جو خول مليو. جسٽس عمر سيال سوال ڪيو ته ڇا ڪرائيم سين ساڙڻ پوليس جو پروٽوڪول آهي، جنهن تي سومرو جواب ڏنو ته "نه سر". جسٽس عمر سيال ريمارڪس ڏنا ته شهيد بينظير ڀٽو ۽ مير مرتضيٰ ڀٽو جي ڪيسن ۾ پڻ ڪرائيم سين متاثر ٿيا هئا ۽ هاڻي مير رضا جي ڪيس ۾ به ڪرائيم سين کي باهه ڏيڻ جو معاملو سامهون آيو آهي. ٻڌڻي دوران جسٽس عمر سيال سميع الله سومرو کان جاچ بابت سخت سوال ڪيا، جڏهن ته سومرو وضاحت ڪئي ته هن ڪرائيم سين کي باهه ڏيڻ جي هدايت نه ڪئي هئي.

### بقيا 35 ***

ي مالي سال جي پهرين 2 مهينن دوران پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ ٻه طرفي واپار جو گهاٽيتو 1.604 ارب ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل مالي سال جي ان مدي جي 1.425 ارب ڊالرز جي ڀيٽ ۾ 12.55 سيڪڙو وڌيڪ آهي. انگن اکرن مطابق جولاءِ کان آگسٽ 2026ع دوران آمريڪا ڏانهن پاڪستان جي روانگي واپار جو گهاٽيتو 1.118 ارب ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو. گذريل مالي سال جي ان مدي ۾ آمريڪا ڏانهن پاڪستاني روانگي واپار جو گهاٽيتو 1.112 ارب ڊالرز هو. آگسٽ 2026ع دوران آمريڪا ڏانهن پاڪستاني روانگي واپار جو گهاٽيتو 523.67 ملين ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو، جيڪو جولاءِ ۾ 595.22 ملين ڊالرز ۽ گذريل سال آگسٽ ۾ 496.47 ملين ڊالرز هو. گذريل مالي سال 26-2025ع دوران آمريڪا ڏانهن پاڪستان جي مجموعي روانگي واپار جو گهاٽيتو 6.125 ارب ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو هو انگن اکرن مطابق جاري مالي سال جي پهرين ٻن مهينن دوران آمريڪا کان آمدني واپار جو گهاٽيتو 486.75 ملين ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو، جيڪو گذريل مالي سال جي ان مدي ۾ 313.63 ملين ڊالرز هو. اهڙي طرح آمدني واپار ۾ ساليانو بنيادن تي 55.20 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ ٿيو. آگسٽ 2026ع دوران آمريڪا کان پاڪستان جي آمدني واپار جو گهاٽيتو 160.29 ملين ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو، جيڪو جولاءِ ۾ 324.45 ملين ڊالرز ۽ گذريل سال آگسٽ ۾ 146.59 ملين ڊالرز هو. گذريل مالي سال دوران آمريڪا کان پاڪستان جي مجموعي آمدني واپار جو گهاٽيتو 3.265 ارب ڊالرز رڪارڊ ڪيو ويو هو.

### بقايا عوامي سوچ 01

مبارڪ ۾ شرڪت لاءِ ايندڙ پانڌيئڙن ۽ زائرين جي سهولت خاطر جنگشاهي شهر کان درگاهه شريف تائين روڊ جي مرمتي جو ڪم پڻ جاري آهي. ان موقعي تي. عرس جي سمورن انتظامن ۾ اڳوڻي ناظم بشير احمد جوکيو، سيٺ بخت علي جوکيو ۽ چيئرمين بابو مصطفيٰ جوکيو پاران ذاتي تعاون ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته درگاهه شريف جي خدمتگار سائين ارشاد خليفي جي نگراني ۾ انتظامن کي حتمي شڪل ڏني پئي وڃي. ان موقعي تي علائقي جي معززين ۽ درگاهه شريف جي خليفن سائين پنهل خليفو سائين پورو خليفو، سائين دوست محمد خليفو، عيسيٰ جوکيو منير بروهي ۽ ٻين انتظامن کي ساراهيندي چيو ته بشير احمد جوکيو هر سال درگاهه شريف تي ايندڙ زائرين لاءِ سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو آهي، جنهن تي کيس جس هجي. هنن چيو ته عرس مبارڪ ۾ هر سال جيان هن سال به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان وڏي انگ ۾ مريد، عقيدتمند ۽ زائرين شرڪت ڪندا، تنهن ڪري روڊ سميت بنيادي سهولتن جا انتظام مڪمل ڪرڻ ضروري آهن

### بقايا عوامي سوچ 02

روحاني محفل،عقيدتمندن جي وڏي انگ ۾ شرڪت تفصيل موجب روهڙي ۾ غوثِ پاڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جي شان ۾ ساليانو روحاني محفل عقيدت ۽ احترام سان منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ عاشقانِ رسول ، عقيدتمندن، عالمن سگهڙن ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي محفل دوران روحاني ۽ مذهبي ماحول قائم رهيو جڏهن ته شرڪت ڪندڙن غوثِ پاڪ سان پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو ساليانو روحاني محفل ۾ نعت خوانن ۽ ثنا خوانن پاران حضور اڪرم جي شان ۾ نعتون ۽ غوثِ پاڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جي شان ۾ منقبتون پيش ڪيون ويون جن تي محفل ۾ موجود عقيدتمندن پاران عقيدت ۽ احترام سان داد ڏنو ويو نعتن ۽ منقبتن جي سلسلي دوران محفل جو ماحول روحاني جذبن سان ڀرپور رهيو ان موقعي تي عالمن سگهڙن خطاب ڪندي حضرت غوثِ پاڪ جي ديني،علمي ۽ روحاني خدمتن تي تفصيلي روشني وڌي عالمن جو چوڻ هو ته حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جي تعليمات ۾ دين سان وابستگي،انسانيت سان محبت،اخلاق،سچائي ۽ نيڪ عملن تي خاص زور ڏنو ويو آهي هنن شرڪت ڪندڙن تي زور ڏنو ته بزرگن جي تعليمات مان رهنمائي حاصل ڪندي پنهنجي عملي زندگي کي دين ۽ اخلاق جي اصولن مطابق بڻايو وڃي محفل جي ميزباني زوهيب حسين شاهه، رياض حسين شاهه ۽ دراز حسين شاهه پاران ڪئي وئي جن مهمانن ۽ عقيدتمندن جي آجيان ڪئي ۽ روحاني محفل جي انعقاد لاءِ انتظامن ۾ پنهنجون ذميواريون ادا ڪيون جڏهن ته انتظامي معاملن ۾ سلمان چانڊ پاران خدمتون سرانجام ڏنيون ويون محفل ۾ شرڪت ڪندڙن پاران غوثِ پاڪ جي ديني ۽ روحاني خدمتن کي ساراهيندي چيو ويو ته اهڙيون روحاني ۽ مذهبي محفلون ماڻهن ۾ ديني وابستگي،اخلاقي قدرن ۽ پاڻ ۾ محبت جو جذبو اجاگر ڪرڻ جو ذريعو بڻجن ٿيون آخر ۾ ملڪ جي سلامتي،امن،خوشحالي، استحڪام ۽ مسلمانن جي ڀلائي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

### بقايا عوامي سوچ 03

۾ ناڪام،روهڙي ۾ مينهن جا واڙا شهر کان ٻاهر منتقل نه ٿي سگهڻ ڪري حادثا ۽ ٽريفڪ جي اچ وڃ معطل ٿيڻ معمول بڻيل، رهواسين پاران عدالتي حڪم تي عملدرآمد ڪرائڻ جو مطالبو تفصيل موجب سکر هاءِ ڪورٽ جي حڪم باوجود روهڙي شهر اندر قائم مينهن جي واڙن کي شهر کان ٻاهر منتقل ڪرڻ وارو معاملو حل نه ٿي سگهيو آهي جنهن خلاف شهرين انتظاميا جي مبينا بي ڌياني ۽ عدالتي حڪم تي مڪمل عملدرآمد نه ٿيڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين کان فوري قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي شهرين موجب روهڙي شهر جي مختلف علائقن ۾ قائم مينهن جا واڙا نه رڳو رهواسين لاءِ تڪليف جو سبب بڻجي رهيا آهن پر شهر جي روڊن ۽ گهٽين ۾ آزاد گهمندڙ مينهن سبب ٽريفڪ جي رواني پڻ متاثر ٿي رهي آهي شهرين جو چوڻ آهي ته اسڪولن ڏانهن ويندڙ ٻارڙن،عورتن،بزرگن ۽ عام علائقي واسين کي روزاني بنياد تي پريشانين کي منهن ڏيڻو پئي ٿو شهرين جو الزام آهي ته هاءِ ڪورٽ جي حڪم باوجود واڙي مالڪن پاران مينهن جا واڙا شهر کان ٻاهر منتقل ڪرڻ کان انڪار ڪيو پيو وڃي جڏهن ته انتظاميا پڻ مبينا طور تي واڙي مالڪن خلاف حڪم تي عمل ڪرائڻ ۾ گهربل سنجيدگي جو مظاهرو نه ڪري رهي آهي مقامي رهواسين موجب واڙن مان مينهن جا ڌنار مينهون کولڻ کانپوءِ انهن کي شهر جي روڊن ۽ گهٽين ۾ آزاد ڇڏي ڏين ٿا جنهن سبب گاڏين جي اچ وڃ،پيادل ماڻهن ۽ خاص طور اسڪولي ٻارڙن لاءِ مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن شهرين خدشو ظاهر ڪيو آهي ته روڊن تي آزاد گهمندڙ مينهون ڪنهن به وقت حادثي جو سبب بڻجي سگهن ٿيون شهرين وڌيڪ ٻڌايو ته هن مسئلي بابت لاڳاپيل انتظاميا کي بار بار آگاهه ڪيو ويو آهي پر ان باوجود هن وقت تائين ڪو اهڙو اثرائتو قدم نظر نه آيو آهي جنهن سان شهر اندر قائم واڙا ختم ڪري مينهن کي مقرر ڪيل هنڌ تي منتقل ڪرائي سگهجي شهرين صوبائي وزير بلديات سنڌ سيد ناصر حسين شاهه کان پڻ مسئلي جي حل لاءِ اثرائتي مداخلت جو مطالبو ڪيو آهي رهواسين جو چوڻ آهي ته سنڌ حڪومت پاران ڪروڙين رپين جي لاڳت سان ڪيٽل ڪالوني قائم ڪئي وئي آهي جنهن جو مقصد مالوندن ۽ چوپائي مال لاءِ مناسب متبادل انتظام فراهم ڪرڻ آهي پر ان باوجود شهر اندر موجود باثرواڙي مالڪن پاران پنهنجا واڙا ڪيٽل ڪالوني ڏانهن منتقل نه ڪرڻ سبب شهرين کي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي شهرين سنڌ حڪومت،ضلعي ۽ مقامي انتظاميا، چونڊيل نمائندن ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته سکر هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي بنا دير مڪمل عملدرآمد ڪرائيندي روهڙي شهر اندر قائم مينهن جا واڙا شهر کان ٻاهر ڪيٽل ڪالوني منتقل ڪرايا وڃن روڊن تي آزاد گهمندڙ مينهن جو مسئلو ختم ڪيو وڃي ۽ شهرين،خاص طور اسڪولي ٻارڙن جي تحفظ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن. جيئن ڪنهن به اڻٽڙندڙ واقعي يا حادثي کان بچي سگهجي

### بقايا عوامي سوچ 04

شريف ۽ سندس والد گرامي، مرحوم مغفور، هفت زبان شاعر ۽ ناليواري مولودي فقير نبي بخش بروهي جي ايصالِ ثواب لاءِ روحاني محفل منعقد ڪئي وئي. محفل ۾ نعت خوانن حضور نبي ڪريم صہ ۽ غوث پاڪ جي شان ۾ گلاءِ عقيدت جا نذرانا پيش ڪيا. ان موقعي تي مذهبي اسڪالر حضرت علامہ مولانا محمد فضل الله حسيني توحيد ۽ نبي دوجهان حضرت محمد صہ، گڏوگڏ حضور غوث پاڪ سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني جي شان ۽ تعليمات تي روشني وڌي. علامہ مولانا محمد فضل الله حسيني چيو ته اولياءُ الله اهي برگزيده هستيون آهن، جن جي فيض، اخلاص ۽ محبت سان دنيا جي مختلف حصن ۾ اسلام جو پيغام عام ٿيو ۽ لکين ماڻهن جي دلين ۾ ذڪرِ الله ۽ حبِ رسول صہ جا ڏيئا روشن ٿيا. روحاني محفل ۾ گوٺ سبز علي خان بروهي سميت علائقي جي مختلف ڳوٺن مان عقيدتمندن، سماجي شخصيتن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. آخر ۾ مرحوم فقير نبي بخش بروهي ۽ سمورن مرحومين جي ايصالِ ثواب لاءِ دعا گهري وئي، جڏهن ته شرڪت ڪندڙن ۾ لنگرِ غوثيه پڻ تقسيم ڪيو ويو

### بقايا عوامي سوچ 05

پيڙو مالي سهائتا نه ٿيڻ ڪري فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور ور شهر ۾ رهندڙ بيماريءَ سبب ڏکهي عرصي کان بستري تي پيل غريب پورهيت اڪبر مالي سهائتا نه ملڻ ڪري انتهائي ڏکيائين واري زندگي گذاري تي مجبور آهي. اڪبر جو چوڻ آهي ته هو هوٽل تي تندور جي مزدوري ڪري گذرسفر ڪندو هو جيڪو بيماري سبب بستري پيڙو ٿي ويو آهي هاڻي سندس ڪمائڻ وارو ڪير ناهي، بيمار پورهيت اڪبر پٽ جي نائين درجي ۾ پڙهندڙ نياڻي رياض بانو پڻ ڪتاب پينون نه هئڻ ڪري تعليم کان محروم ٿي گهر ويهي رهي آهي پنهنجي خاندان سان گڏ هڪ ننڍڙي جهوپڙي ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي، جيڪا برسات دوران ڪري پئي، جنهن کانپوءِ ان ڪريل جهوپڙي ۾ اتي ئي ڏينهن رات گذاري رهيو آهي جڏهن ته گهر ۾ راشن خريد ڪرڻ لاءِ به پئسا ناهن. ڪڏهن پاڙي وارا ماني ڏئي وڃن ٿا ته ان سان بک اجهايون ٿا، متاثر پورهيت اڪبر وس وارن، سماجي تنظيمن ۽ سرندي وارن ماڻهن کي اپيل ڪئي آهي ته سندس مالي سهائتا ڪري علاج ۽ خاندان لاءِ گذر سفر جو بندوبست ڪيو وڃي، جيئن هو ۽ سندس ٻچڙا فاقاڪشي واري زندگي مان نڪري سگهن

### بقايا عوامي سوچ 06

بڻائڻ" x عنوان هيٺ پبلڪ فورم جو انعقاد ڪيو. فورم ۾ پارليامينٽرين، اڪيڊمڪس، ميڊيا پرسن، سول سوسائٽي نمائندن، ماحولياتي ڪارڪنن ۽ رينيوبل انرجي ڊولپرز شرڪت ڪئي، جن ۾ ڊاڪٽر عديلا ناز سومرو (پي وي سي، شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي دادو ڪيمپس)، ڊاڪٽر زبير پنهور (ايم ايس ٽي ايچ ڪيو جوهي)، عذرا ميمڻ (سي اي ناري ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن)، اڪبر پنهور (سي اي او گورڪ فائونڊيشن) ۽ اڪبر لاشاري (صدر VSO) شامل هئا. شرڪت ڪندڙن ڌيان ڏياريو ته وچ اوڀر واري جنگ کان پوءِ آر ايل اين جي کوٽ سبب قيمتن ۾ واڌ ۽ بجلي جي کوٽ پيدا ٿي آهي، جنهن ڪري رات جو لوڊشيڊنگ ٿي رهي آهي، جڏهن ته فيبروري کان مئي 2026 تائين پيٽرول جون قيمتون 50 سيڪڙو کان وڌيڪ وڌي ويون آهن. فورم ۾ اهم مطالبا پيش ڪيا: 1. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان کان مطالبو ته اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ خصوصي رعايتي فنانسنگ پاليسي جو اعلان ڪيو وڃي، جنهن تحت ٽو ۽ ٿري ويلرز جي ريٽرو فٽنگ، رڪشا ۽ رائيڊر نيٽورڪ جي اليڪٽرفيڪيشن، ۽ خاص طور تي نوجوان عورتن سميت يونيورسٽي شاگردن لاءِ اي وي جي سهولت کي هٿي ڏني وڃي. 2. حڪومت پاڪستان کان مطالبو ته آر ايل اين جي بنياد تي هلندڙ بجلي گهرن کي رٽائر ڪري بيهر مقصد لاءِ استعمال ڪيو وڃي، ته جيئن فيول امپورٽ جو بار گهٽجي ۽ پاور سيڪٽر جو 1.67 ٽريلين رپين جو سرڪلر ڊيٽ گهٽجي سگهي. عوامي وسيلا ملڪي سولر، ونڊ، بيٽري اسٽوريج ۽ گرڊ جديدڪاري ڏانهن منتقل ڪيا وڃن ته جيئن پاڪستان جي ڏکهي مدي واري انرجي سيڪيورٽي يقيني بڻجي سگهي

### بقايا عوامي سوچ 07

نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) پاران "سنڌ منهنجي امان" جي عنوان هيٺ جاري عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ پريس ڪلب گاڙهو ۾ اهم پريس ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي پريس ڪانفرنس کي ايس ٽي پي ضلعي ٺٽي جي صدر سيد جلال شاهه خطاب ڪندي اعلان ڪيو ته 28 سيپٽمبر تي پارٽي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي ٺٽي ضلعي جو تحريڪي دورو ڪندو. جنهن دوران هو مختلف شهرن ۽ ساحلي علائقن ۾ عوامي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪندو سيد جلال شاهه موجب، عوامي رابطا مهم دوران ايس ٽي پي قيادت پاران ڪيٽي بندر، گاڙهو ۽ ساموندي پٽي جي مختلف ساحلي توڙي ڳوٺاڻن علائقن جو دورو ڪري شهرين کي مهم ۽ جلسي عام ۾ شرڪت جون دعوتون ڏنيون ويون آهن. هن ٻڌايو ته 28 سيپٽمبر تي ڊاڪٽر قادر مگسي مڪلي، گجو گهارو، ميرپورساڪرو، بهارا ۽ گاڙهو پهچندو جتي پارٽي جي قومي تحريڪ جي اڳواڻ ۽ مرحوم چاچا ڪامريڊ علي بخش لاشاري جي ستين ورسي جي موقعي تي منعقد جلسي عام ۾ شرڪت ڪندو ۽ خاص خطاب پڻ ڪندو. ايس ٽي پي ضلعي صدر جو چوڻ هو ته سنڌ جي جاگرافيائي ۽ تاريخي وحدت بابت پارٽي پنهنجو موقف واضح رکندي آئي آهي، جڏهن ته نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن جي قيام واري معاملي تي پارٽي عوامي رابطا مهم ذريعي پنهنجو موقف عوام تائين پهچائي رهي آهي. پريس ڪانفرنس دوران ڪامريڊ حيدر شورو، منو مشتاق لاشاري، زوار علي پيروزاڻي، معشوق پيروزاڻي سميت مقامي قيادت ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

### بقايا عوامي سوچ 08

ديوي جي ميلي کان اڳ مختلف علائقن مان ياترين جي آمد جو سلسلو جاري آهي وال مکي برادري جي نالي سان مشهور مندر تي پهتل ياتري پهريان پوجا پاٺ ۽ مذهبي رسمون ادا ڪري رهيا آهن جڏهن ته ڪجهه وقت آرام ڪرڻ کان پوءِ ڪالڪا ماتا ديوي جي مندر ڏانهن روانا ٿي رهيا آهن مندر تي پهتل ياترين لاءِ وال مکي برادري ۽ سماجي ڪارڪنن پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت کاڌي پيتي ۽ ٻين سهولتن جو بندوبست پڻ ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ رام وال مکي،پرويز وال مکي،پپو پائي ۽ ٻين ٻڌايو ته ياترين جي سهولت لاءِ برياني،سبزي،مختلف مشروبات ۽ ٻيون کاڌي پيتي جون شيون فراهم ڪيون پيون وڃن جيئن ٻاهران ايندڙ ياترين کي ڪنهن به قسم جي تڪليف کي منهن نه ڏيڻو پوي مندر انتظاميا موجب ڪالڪا ماتا ديوي جو ميلو هڪ ڏينهن جاري رهندو جنهن ۾ مختلف علائقن مان وڏي انگ ۾ ياترين جي شرڪت جو امڪان آهي ياتري مذهبي عقيدن موجب پوجا پاٺ ۽ ٻيون رسمون ادا ڪرڻ کان پوءِ ميلي ۾ شرڪت ڪندا جنهن بعد هو پنهنجي پنهنجي منزلن ڏانهن واپس روانا ٿيندا مندر انتظاميا جو چوڻ آهي ته ميلي جي موقعي تي ياترين جي وڌندڙ آمد کي نظر ۾ رکندي سهولتن ۽ انتظامن کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي هنن ضلعي انتظاميا کان اپيل ڪئي آهي ته ياترين جي سهولت،سيڪيورٽي، ٽريفڪ جي رواني،صفائي سٿرائي ۽ ٻين ضروري انتظامن لاءِ سهڪار فراهم ڪيو وڃي جيئن ميلي دوران ايندڙ ياترين کي محفوظ ۽ پرسڪون ماحول ملي سگهي

### بقايا عوامي سوچ 09

ڊنگ ڪميٽي ميڊم فرزانا برني چيئرمين هيومين رائيٽس پاڪستان فوڪل پرسن آئي جي سنڌ ۽ سندس ٽيم محترم ايڊووڪيٽ ميڊم صوبيه، نعيم نمڪ والا ، محمد شهزاد علي ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ، چوڌري ساجد گجر، معين الدين ايڊووڪيٽ ، ڪشور صاحب، حنان صاحب ، ميڊم اڪبر شاهه، ميڊم عظمي1 غزل ، شهزاد شيخ ، انسپيڪٽر نويد الطاف عيدن انچارج آئي ڊپارٽمينٽ سول اسپتال ڪراچي ۽ ٻيا معزز مهمانن نيشنل پريس ڪلب تي پهتا جن کي نيشنل پريس ڪلب بدين پاران آجياڻو ڏنو ويو ۽ سنڌي اجرڪن لنگين جا تحفا پيش ڪيا ويا

### بقايا عوامي سوچ 10

شي ڪري ڇڏي، پر پوليس ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هن الزام هڻيو ته سندس پٽ کي ونود ڏرماڻي ۽ سندس ٻئي دوستن جن ۾ دسرت پرمار، ڪمليش ۽ ٻيا شامل آهن. موبائيل نمبر تان مسلسل بليڪ ميل ڪري ذهني طور پريشان ڪندا هئا. جنهن جي نتيجي ۾ هن 29 جون 2026 تي انتهائي قدم کنيو هن وڌيڪ ٻڌايو ته واقعي جي ايف آءِ آر نمبر 431/2026 تحت 23 جولاءِ 2026 تي نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا ٿاڻي تي داخل ٿيڻ ۽ واٽس ايپ چيٽس توڙي ڪال رڪارڊنگ جهڙا تمام ثبوت پوليس حوالي ڪرڻ باوجود اڄا تائين جوابدار آزاد گهمي رهيا آهن. متاثر خاندان جو چوڻ آهي ته هو انتهائي نااميدي ۽ ذهني پريشانيءَ واري زندگي گذاري رهيا آهن. تنهن ڪري وسوارن کان مطالبو ٿا ڪن ته پٽ جي ناحق موت ۾ ملوث جوابدارن کي سخت سزا ڏئي کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 11

ڙڪاڻي ۾ سنڌ وحدت مارچ منعقد ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. ڊوڪري پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ايس يو پي جي ضلعي صدر منظور شيخ، محمود پتو، مشتاق سنديلو، غلام عباس ڪلهوڙو ۽ شاهد بليدي چيو ته سنڌ جي تاريخي، جاگرافيائي ۽ آئيني وحدت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو اڳواڻن جو چوڻ هو ته سنڌ هزارين سالن کان هڪ تاريخي ۽ متحد خطو آهي، تنهن ڪري ان جي جاگرافيائي حيثيت ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي يا مداخلت سنڌ جي عوام لاءِ ناقابل قبول آهي. هنن چيو ته لاڙڪاڻي ۾ ٿيندڙ مارچ جو مقصد سنڌ جي بقا، سلامتي ۽ حقن بابت عوامي آواز کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ آهي. ايس يو پي اڳواڻن عوام ، سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن، نوجوانن ۽ ٻين سجاڳ ڌرين کي اپيل ڪئي ته هو 11 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيندڙ مارچ ۾ ڀرپور شرڪت ڪن ۽ سنڌ جي وحدت بابت پنهنجي موقف جو اظهار ڪن هنن وڌيڪ ٻڌايو ته جاگرتا مهم تحت ضلعي جي هر شهر، ڳوٺ، وسندي ۽ واهڻ تائين پيغام پهچايو ويندو. جڏهن ته سنڌ جي وحدت بابت عوامي شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ مهم پڻ جاري رکي ويندي. صابر جروار، ياسر سنديلو ۽ ٻيا موجود

### بقايا عوامي سوچ 12

هو الزام مڙهيو هو ته مذڪوره جوابدارن سندس ڀاءُ ارشد علي ٻارڻ کي قتل ڪيو هو جوابدارن جي سنڌ جي نالي واري وڪيل لياقت علي جماري مضبوط دليلن ۽ موقف ٻڌڻ بعد عدالت ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي سيني جوابدارن کي باعزت بري ڪرڻ جو حڪم ٻڌايو

### بقايا عوامي سوچ 13

ڪرڻ جا الزام لڳايا آهن. وڪيل قادر بخش لاشاري دعويٰ ڪئي ته 2022ع دوران سندس ٻن پٽن رياض حسين ۽ اياز علي لاشاري، ٽن ڀائٽين افضال احمد، عبدالشڪور ۽ عبدالرئوف لاشاري ۽ ڀاڻج غلام مرتضيٰ لاشاري سميت 6 ڄڻن کي تعليم کاتي ۾ سرڪاري ڪلارڪ جون نوڪريون ڏيارڻ لاءِ في آرڊر 30 لک رپيا، جڏهن ته ڀاڻج جي آرڊر لاءِ 20 لک رپيا ورتا ويا، اهڙي ريت مجموعي طور هڪ ڪروڙ 70 لک رپيا ورتا ويا، پر نوڪريون نه مليون. هن وڌيڪ الزام لڳايو ته بار بار شڪايتون ڪرڻ بعد لاڳاپيل آفيسرن پاران انهن 6 ڄڻن جي نالي سان پٽيوالي ۽ چوڪيدار جون نوڪريون ڏيڻ جا آرڊر ڏنا ويا ۽ چيو ويو ته نوجوان ڊيوٽي جوائن ڪري پگهارون وٺن. جنهن بعد في آرڊر 20_20 لک رپيا واپس ڪيا ويندا، پر اهي آرڊر به مبينا طور جعلي نڪتا ۽ نوجوانن کي جوائننگ نه ملي سگهي، رٽائرڊ وڪيل الزام لڳايو ته هن معاملي بابت گذريل ٽن سالن کان لاڳيتو شڪايتون ڪري رهيا آهن ۽ مطالبو ڪندا رهيا آهن ته يا ته نوڪريون ڏنيون وڃن يا ورتل رقم واپس ڪئي وڃي هن دعويٰ ڪئي ته شڪايتن جي پيروي ڪرڻ تان کيس ۽ سندس خاندان کي دٻاءُ ۽ ڌمڪين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، هن وڌيڪ چوڻ هو ته سندس ڇهن ڀائٽين کي نجم الدين لاشاري جي قتل ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي. جيڪي هن وقت جيل ۾ آهن. هن الزام لڳايو ته کيس ڪيس جي پيروي تان هٿ کڻڻ لاءِ ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ۽ چيو وڃي ٿو ته ڪيس جي پوئيواري بند نه ڪئي ته کيس به ڪوڙي خون جي ڪيس ۾ ڦاسايو ويندو. هن سنڌ جي آءِ جي، هاءِ ڪورٽ ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي مبينا طور داخل ڪيل قتل ڪيس جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، سندس ڀائٽين کي انصاف فراهم ڪيو وڃي، نوڪرين جي نالي ۾ ورتل هڪ ڪروڙ 70 لک رپيا واپس ڪرايا وڃن ۽ کيس ۽ سندس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي. هن چيو ته جيڪڏهن کيس يا سندس خاندان کي ڪو نقصان پهتو ته ان جا ذميوار ڄاڻايل آفيسر هوندا

### بقايا عوامي سوچ 14

ي ۽ پنهل موجي کي باعزت بري ڇڏيو آهي فريادي رمضان ٻارڻ جاتي ٿاڻي تي ايف آئي آر 67/2024 تحت ڪيس داخل ڪرايو هو الزام مڙهيو هو ته مذڪوره جوابدارن سندس ڀاءُ ارشد علي ٻارڻ کي قتل ڪيو هو جوابدارن جي سنڌ جي نالي واري وڪيل لياقت علي جماري مضبوط دليلن ۽ موقف ٻڌڻ بعد عدالت ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي سيني جوابدارن کي باعزت بري ڪرڻ جو حڪم ٻڌايو

### بقايا عوامي سوچ 15

مي شاگرد کي مڪلي اسپتال ريفر ڪيو ويو چوهڙجمالي شهر ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندڙ ڇهين ڪلاس جي شاگرد افضل پٽ محمد حسن خاصخيليءَ کي ٻاءِ پاس روڊ تي نادرا آفيس وٽ جوابدار ڇرن جا وار ڪري سخت زخمي ڪري وڌو کيس رورل هيلٿ سينٽر چوهڙجمالي آندو ويو وڌيڪ علاج لاءِ کيس مڪلي سول اسپتال ٺٽو ريفر ڪيو ويو آهي، زخمي شاگرد افضل خاصخيلي جي والد محمد حسن خاصخيليءَ صحافين سان ڳالهائيندي الزام هڻندي چيو ته جوابدار دلشاد خاصخيلي منهنجي پٽ کي اسڪول تان موٽندي کيس ڇرن جو وار ڪري زخمي ڪري فرار ٿي ويو هن چيو ته اسان اهڙو ڪيس چوهڙجمالي ٿاڻي تي پڻ داخل ڪرايو آهي پر پوليس جوابدار کي هيل تائين گرفتار ناهي ڪيو هن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي سجاول کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدار کي فوري گرفتار ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي

### بقايا عوامي سوچ 16

سي فيصل پنهور جي فرزند علي شير پنهور ۽ سندس پاڙيسرين مڪلي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي آهي ته اڄ صبح 10 وڳي گل محمد شورو، انور شورو ۽ چار نامعلوم ماڻهن پاران علي شير پنهور تي لٺين ۽ پٿرن سان مبينا حملو ڪيو ويو علي شير پنهور صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو هو پنهنجي گهر اڳيان بيٺل هو ته گل محمد شورو انور شورو ۽ چار نامعلوم ماڻهن مٿس حملو ڪري ڏنو سندس دعويٰ آهي ته سندس گهر جو ڪم ڪندڙ مزدورن کي پڻ تشدد جو نشانو بڻايو ويو جنهن جي نتيجي ۾ سندس هڪ مزدور جبار خاصخيلي جي ٻانهن ٽٽي پئي. علي شير پنهور وڌيڪ چيو ته حملو به سندس مٿان ٿيو آهي ۽ وري مڪلي ٿاڻي تي اين سي به سندس داخل ڪرائي وئي آهي، جڏهن ته سوشل ميڊيا تي سندن خلاف مختلف پوسٽون هلائي مبينا طور ڪردارڪشي ڪئي پئي وڃي. علي شير پنهور ۽ سندس پاڙيسرين چيو آهي ته گل محمد شورو ۽ انور شورو پاڙي جي رهواسين لاءِ مبينا طور مسئلا پيدا ڪري رهيا آهن. علي شير پنهور ۽ سندس پاڙيسرين ايس ايس پي ٺٽو ۽ ايس ايڇ او مڪلي کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي حملي ۾ ملوث ماڻهن گل محمد شورو انور شورو ۽ چار نامعلوم ماڻهن خلاف قانون کين گرفتار ڪري ساڻن انصاف فراهم ڪيو وڃي

### بقايا عوامي سوچ 17

روشن ۽ 6 مبينا منشيات فروشن سميت 15 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پوليس ترجمان موجب، گهارو ٿاڻي جي پوليس پمپ هائوس کان جعفر جوکيو ڳوٺ لنڪ روڊ تي ڪارروائي ڪندي مبينا منشيات فروش اقبال احمد عرف سنياسي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 1050 گرام چرس هٿ ڪئي. ٻي ڪارروائي دوران محمد اڪبر ۽ عباس کي مبينا طور 300 پڙيون گٽڪا ماوا ۽ موٽرسائيڪل سميت گرفتار ڪيو ويو. پوليس موجب، ٺٽو، مڪلي، ساڪرو، ڪينجهر، گهارو ۽ ڪيٽي بندر ٿاڻن جي پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪندي وڌيڪ 7 مبينا گٽڪا فروشن کي گرفتار ڪيو جن وٽان مجموعي طور 1190 پڙيون گٽڪا ماوا هٿ ڪيو ويو. پوليس ترجمان موجب، وڌيڪ 5 مبينا منشيات فروشن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 118 بيگ ديسي شراب پڻ هٿ ڪئي وئي. پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل ٿاڻن تي گٽڪا ايڪٽ، نارڪوٽڪس ايڪٽ ۽ منشيات آرڊيننس تحت ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.

### بقايا عوامي سوچ 18

عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ ايس ٽي پي ضلعي ٺٽي جي صدر سيد جلال شاهه پريس ڪانفرنس ڪندي اعلان ڪيو آهي ته پارٽي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي 28 سيپٽمبر تي ٺٽي ضلعي جو دورو ڪندو. پريس ڪانفرنس دوران سيد جلال شاهه ٻڌايو ته عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ ايس ٽي پي قيادت پاران ڪيٽي بندر، گاڙهو ۽ ساموندي پٽي جي مختلف ڳوٺن توڙي علائقن جو دورو ڪري عوام کي ان مهم ۽ جلسي عام ۾ شريڪ ٿيڻ جون دعوتون ڏنيون پيون وڃن. هن وڌيڪ چيو ته 28 سيپٽمبر تي پارٽي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي دوري دوران قومي تحريڪ جي اڳواڻ مرحوم ڪامريڊ علي بخش لاشاري جي ستين ورسيءَ جي تقريب ۾ شرڪت ڪندو ۽ تقريب کي خاص خطاب پڻ ڪندو. سنڌ جي بنيادي حقن بابت ڳالهائيندي سيد جلال شاهه چيو ته سنڌ جي جاگرافيائي ۽ تاريخي حدن تي ڪنهن به قسم جي ورهاست يا نوان انتظامي يونٽ ناهڻ سنڌ جي عوام کي هرگز قبول ناهي. سنڌ ترقي پسند پارٽي هميشه سنڌ جي بقا، وسيلن ۽ قومي حقن لاءِ پنهنجو ٺوس موقف رکيو آهي ۽ اڄ به ساڳئي جذبي سان جدوجهد جاري رکيون پئي اچي. پريس ڪانفرنس دوران ڪامريڊ حيدر شورو، مشتاق منو لاشاري، زوار علي پيروزاڻي، معشوق پيروزاڻي ۽ ٻيا پارٽي ڪارڪن پڻ موجود هئا.

### بقايا عوامي سوچ 19

ٿهيم ميڊيا آڏو دانهيندي الزام هڻيو آهي ته سندس پيءُ اقبال ٿهيم جي گهر ۾ آهي، جيڪا بدي جي سگ طور اقبال کي ڏني وئي هئي. سندس چوڻ موجب گذريل رات هو پنهنجي خاندان سميت ميڙ وٺي اقبال جي گهر ويا ته مبينا طور اقبال ٿهيم، آدم ٿهيم، ارشد ٿهيم، يونس ٿهيم، اشرف ٿهيم ۽ ٻين منهنجي والد قادو کي گار گند ڪري ڌڪا ٽيلا ڏنا جنهن تان جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ سندن ئي ماڻهن جي لٺ منهنجي پيٽي اقبال کي لڳي سندس متوفاتي پيوءِ مصطفيٰ ٿهيم وڌيڪ الزام هنيو ته گهر واپس اچڻ بعد مٿيان ماڻهو مبينا طور نشي جي حالت ۾ سندن گهر تي حملو ڪري نياڻين سان مارڪٽ ڪئي ۽ ڪوڙي ڪيس ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي صورت ۾ کين قتل ڪرڻ جون پڻ ڌمڪيون ڏنيون جڏهن ته پوليس کي رپورٽ ڪرڻ تي به سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون. مصطفيٰ ٿهيم ۽ سندس خاندان ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي کين انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ نامزد ماڻهن کان تحفظ ڏنو وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 20

جاچ جو مطالبو ٺٽي جي مشهور درگاهه حضرت عبدالله شاهه اصحابي تي سکر کان حاضري لاءِ آيل عورت مسمات سيد شبنم بانو مبينا طور پوليس اهلڪار سڪندر خليفي هٿان تشدد جو شڪار ٿيڻ جي شڪايت سامهون آئي آهي. متاثر عورت لاڳاپيل پوليس اختيارين کان واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. عورت دانهيندي ٻڌايو ته درگاهه تي موجود پوليس اهلڪار سان ڪنهن معاملي تان تڪرار بعد مبينا طور ساڻس تشدد ڪيو ويو. متاثر عورت جو چوڻ آهي ته هوءَ سکر کان درگاهه تي حاضري لاءِ آئي هئي ۽ واقعي سبب سخت پريشان ٿي آهي ۽ مڪلي ٿاڻي تي به رپورٽ ڪرائڻ وئي هئي پر پٽي پاڻي هجڻ سبب سڪندر خليفي پوليس اهلڪار خلاف ڪابه ڪاروائي نه ٿي سگهي مذڪوره بدمست پوليس اهلڪار سڪندر خليفي بابت ماضي ۾ پڻ مختلف سنگين نوعيت جون شڪايتون سامهون اينديون رهيون آهن جن ۾ ڪجهه مهينا اڳ هڪ گونگي عورت سان درگاهه اندر مبينا جنسي زيادتي جو الزام پڻ شامل آهي. شڪايت ڪندڙن جو چوڻ آهي ته اهو معاملو ايس پي آفيس تائين پهچڻ باوجود اڳتي نه وڌي سگهيو. ساڳئي طرح ڪجهه مقامي ڌرين پاران دعويٰ ڪئي وئي آهي ته مذڪوره اهلڪار سان لاڳاپيل ماضي ۾ درگاهه اندر سرڪاري اسلحي سان فائرنگ جو واقعو پڻ پيش آيو هو جنهن بابت به شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي. مقامي ساڃاهه وندن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته درگاهه تي مختلف وقتن تي پري پري کان ايندڙ بيمار، بيواهه ۽ ڪمزور عورتن جي موجودگي دوران سندن تحفظ ۽ عزت بابت خاص انتظام ضروري آهن. سندن خدشو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن اهلڪار خلاف بار بار شڪايتون سامهون اچن ٿيون ته معاملي جي غيرجانبدار جاچ ٿيڻ گهرجي. مقامي سماجي ۽ ساڃاهه وند ڌرين ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته مسمات سيد شبنم بانو جي شڪايت جو فوري نوٽيس وٺي، واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار انڪوائري ڪرائي وڃي، جڏهن ته ماضي ۾ سامهون آيل الزامن جي قانون موجب جاچ ڪرائي حقيقتون عوام آڏو آنديون وڃن. متاثر عورت ۽ مقامي ڌرين جو چوڻ آهي ته درگاهه جهڙي مقدس هنڌ تي ايندڙ عورتن جي عزت، تحفظ ۽ سلامتي کي يقيني بڻائڻ انتظاميا ۽ پوليس جي ذميواري آهي.

### بقايا عوامي سوچ 21

مڇي مارڪيٽ قائم ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، پر انتظاميه ان جي خلاف ڪا به انڪوائري توڙي جانچ شروع ناهي ڪئي وئي، جماعت اسلامي ٺٽي جي اڳواڻن پاران مڪلي تي ٺهندڙ مڇي مارڪيٽ کي غير قانوني قرار ڏيندي ان خلاف هاءِ ڪورٽ سان رجوع ڪري ڇڏيو آهي، ان سلسلي ۾ جماعت اسلامي ٺٽي جي اڳواڻ عبدالله آدم گندرو صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ٺٽي شهر ۾ وڏي مڇي مارڪيٽ قائم ٿيل آهي، جتي هر روز مڇي جي نيلامي ٿئي ٿي، ان هوندي به مڪلي جي درگاهه حضرت محمد علي شاهه پرسان بااثر ماڻهن پاران غير قانوني طور مڇي مارڪيٽ جوڙائي پئي وڃي، جنهن عمل جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت پڻ ڪريون ٿا، عبدالله آدم گندرو چيو ته اسان اهڙي ٺهندڙ غيرقانوني مڇي مارڪيٽ خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ پڻ پٽيشن داخل ڪرائي آهي جتي ڪيس پڻ هلندڙ آهي، هن چيو ته ٺٽي شهر ۾ مڇي مارڪيٽ هجڻ بعد ڪوبه جواز نٿو پيدا ٿئي ته مڪلي تي ٻي ڪا غيرقانوني مڇي مارڪيٽ قائم ڪئي وڃي، جنهن جو تيزي سان اڏاوتي ڪم به شروع ڪيو ويو آهي، جيڪو عمل مذمت جوڳو آهي، جماعت اسلامي ٺٽي جي اڳواڻ عبدالله آدم گندرو چيو ته مڪلي تي ٺهندڙ غيرقانوني مڇي مارڪيٽ جو ڪيس هاءِ ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي، جيڪڏهن ڪنهن به کاتي جي عملدارن غر قانوني طور NOC جاري ڪئي ته ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪرائي ويندي.

### بقايا عوامي سوچ 22

ين کي منهن ڏئي رهيو آهي، جڏهن ته بيماري ۽ بيروزگاري سندس خاندان جون معاشي حالتون انتهائي خراب ڪري ڇڏيون آهن. غلام قادر پالاري ٻڌايو ته هو ڪافي عرصي کان بيماري ۾ مبتلا آهي، جنهن سبب هو روزگار ڪرڻ ۽ پنهنجي گهر جو گاڏو هلائڻ کان لاچار بڻجي ويو آهي. هڪ پاسي موذي مرض جي تڪليف آهي ته ٻئي پاسي بيروزگاري سبب گهر جا خرچ پورا ڪرڻ به ڏکيو بڻجي ويو آهي. هن سرندي وارن، مخير حضرات ۽ انسان دوست ماڻهن کي اپيل ڪئي آهي ته سندس مالي مدد ڪري علاج ڪرايو وڃي، جيئن هو صحتياب ٿي ٻيهر روزگار ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالڻ ۽ گهر جو گاڏو هلائڻ جي قابل ٿي سگهي. غلام قادر پالاري چيو ته سندس اکيون ڪنهن مسيحا جون منتظر آهن. جيڪو سندس ڏکي گهڙيءَ ۾ سهارو بڻجي علاج لاءِ مدد ڪري. هن سرندي وارن ۽ مخير حضرات کي انساني همدرديءَ جي بنياد تي سندس مدد ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي.

### بقايا عوامي سوچ 23

ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون آهن. ڊي ايس پي سٽي جي سربراهي ۾ دادو اي سيڪشن ۽ بي سيڪشن ٿاڻن جي پوليس مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي 7 مبينا منشيات فروشن کي گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته سندن قبضي مان ڏيڍ ڪلو کان وڌيڪ چرس ۽ گٽڪا/ڇاليه جا 41 پيڪٽ هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. پوليس موجب دادو اي سيڪشن ٿاڻي جي حدن ۾ ڪارروائي دوران مبينا منشيات فروش محبوب ڪوڪر، محمد خان عرف رانو ملاح، رفيق پنهور، رحمان جمالي ۽ علي نواز جمالي کي گرفتار ڪيو ويو. جڏهن ته بي سيڪشن ٿاڻي جي حدن مان فياض سومرو ۽ جهندو خان پنڊ کي گرفتار ڪيو ويو. پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن وٽان مجموعي طور ڏيڍ ڪلو کان وڌيڪ چرس ۽ گٽڪا،سوپارين جا 41 پيڪٽ برآمد ڪيا ويا آهن. گرفتار جوابدارن خلاف اي سيڪشن ۽ بي سيڪشن ٿاڻن تي نارڪوٽڪس ۽ گٽڪا مين پوري ايڪٽ تحت الڳ الڳ ڪيس داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي.

### بقايا عوامي سوچ 24

۾ احساس لائبريريءَ ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن صدارت سنڌي ادبي سنگت ضلعي ٽنڊي الهيار جي رابطا سيڪريٽري مسڪين سمو ڪئي. ان موقعي شاعرن اديبن شاعرن احساس ميرل سهتو اداس سولنگي غلام حيدر خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته محمد علي ميرجت، سنڌي شاعريءَ ۾ ٿوري عرصي ۾ اهم جاءِ ناهي ورتي هئي. هُو پنهنجي مزاج جو اهم شاعر هو هن نظم ۽ غزل ۾، نئون رنگ پيدا ڪيو محمد علي سدائين ياد رهندو. هنن چيو ته جسماني هر ماڻهوءَ کي، هڪ ڏينهن هيءَ دنيا ڇڏڻي آهي، پر تخليقڪار، مرڻ کان پوءِ به پنهنجين تحريرن ۽ تخليقن ۾ جيئرو رهندو

### بقايا عوامي سوچ 25

تا ڏيون ته ڏاڍائي جو فوري طور تدارڪ ڪري ٻي صورت ۾ ٽائون آفيس جو گهيراءُ ڪيو ويندو. اها ڳالهه هن ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪئي. هن چيو ته اڄ اسان جا قومي ڪارڪن. صحافي محفوظ ناهن. عرفان عالماڻي جنهن جاءِ تي ميڊيا سينٽر ناهيو پئي اها صفوران ٽائون جي ملڪيت ناهي پر ڏاداگيري ڪري صفوران ٽائون جي عملي ميڊيا سينٽر کي ڊاهيو ۽ عرفان عالماڻي سميت ٻين دوستن تي تشدد ڪيو ٽائون جي ملڪيت ثابت نه ٿي ٿئي ته تدارڪ ڪري، ان ڏاڍائي خلاف احتجاج ڪنداسين. ايس ايڇ او يقين ڏياريو آهي ته پر ڪو ڪڙ تيل نه نڪتو عرفان عالماڻي کي ڪنهن به قبضي جي ڪڏهن شڪايت نه آهي هو نج قومي ڪارڪن ۽ صحافي آهي جنهن سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جو ڪيس ميڊيا ذريعي اجاگر ڪري پنهنجي قومي ذميواري نڀائي آهي. هن چيو ته عرفان عالماڻي سان ٿيل زيادتي خلاف ازالو نه ڪيو ويو ته پوءِ صفوران ٽائون جي چيئرمين جو گهيراءُ ڪيو ويندو هڪ سوال جي جواب ۾ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جو چوڻ هو ته سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف قوم متحد ٿي چڪي آهي، سنڌ جي هر سنڌي راءِ ڏني آهي ته صوبا ۽ انتظامي يونٽ ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن. سنڌ جون هر سياسي پارٽيون جدوجهد ۾ آهن جسقم بشير خان پاران 8 نومبر تي ڪراچي ۾ ريلي ڪئي ويندي، اسان ڊويزن، ضلعا، تعلقا ۽ ديهون ناهڻ جا مخالف آهيون، اورنگزيب فاروقي پابندي مڙهيل تنظيم جو اڳواڻ آهي اسان پرامن جدوجهد جا قائل آهيون. اهي سنڌ ۾ فتنو ڦهلائڻ چاهين ٿا. فيصل رضا عابدي جي ڪا به حيثيت ناهي اهڙا ماڻهو ايجنٽ جو ڪردار ادا ڪندا آهن. ان موقعي تي پنهل ساريو، چاڪر خان شر، عرفان عالماڻي، مرتضيٰ شاهاڻي ۽ ڪاشف شر پڻ موجود هئا.

### بقايا عوامي سوچ 26

۽ جنهن ۾ ميوو پيل ٻڌايو ته ٻن نامعلوم هٿياربندن گن پوائنٽ تي ڪانئس 7 لک 10 هزار رپيا ڦر ڪري ورتا. ميرپورخاص پوليس پاران واقعي جي فوري طور جاچ ۽ تصديق ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڄاڻايل اطلاع ڪوڙو ثابت ٿيو جاچ دوران معلوم ٿيو ته ميوو پيل پنهنجي ذمي واجب الادا قرض جي رقم بابت ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ لاءِ پوليس کي ڪيش ڦرڻ جي ڪوڙي اطلاع ڏني هئي. ميرپورخاص پوليس واقعي جي حقيقت سامهون آڻيندي ڪوڙي اطلاع ڏيڻ واري معاملي تي وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي.

### بقايا عوامي سوچ 27

جي فرياد سندس ڀاءُ ارشد علي ٻارڻ کي قتل ڪرڻ جي الزام ۾ ٽن جوابدارن عبدالستار موجي، محمد رمضان موجي ۽ پنهل موجي تي ايف آئي آر نمبر 67/2024 داخل ڪرائي. جنهن جو گذريل ڏينهن فرسٽ ايڊ سيشن جج سجاول سيد اعجاز علي شاهه جي عدالت فيصلو ٻڌائيندي ٽنهي جوابدارن تي ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي باعزت بري ڪري ڇڏيو. ڄاڻايل ڪيس جي پيروي جوابدار ڌر پاران ناليوارو وڪيل لياقت جماري ڪري رهيو هو جنهن عدالت ۾ پنهنجا دليل ۽ جوابدار ڌر جو مظبوط موقف پيش ڪيو عدالتي فيصلي موجب فريادي جوابدارن خلاف قتل جي الزام کي قانوني گهرجن ۽ پيش ڪيل ثبوتن جي بنياد تي ثابت نه ڪري سگهي، جنهن کانپوءِ عدالت ٽنهي جوابدارن جي بريت جو حڪم ٻڌائي ٿي.

### بقايا عوامي سوچ 28

ٽي جون سينٽري ٽيمون شهر جي مختلف علائقن ۾ رولوڪتن خلاف ڪتا مار مهم هلندڙ آهي ٽائون انتظاميا شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته ڪتا مار مهم دوران پنهنجن پالتو ڪتن کي پٽو وجهي محفوظ هنڌن تي ٻڌي رکن، جيئن مهم دوران پالتو ڪتن کي ڪنهن به قسم جو نقصان نه پهچي. ٽائون انتظاميا جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڪنهن علائقي ۾ ڪتو مري وڃي ۽ سينٽري ورڪرز جي ٽيم مئل ڪتو کڻڻ لاءِ نه پهچي ته شهري بنا دير ٽائون ڪميٽي انتظاميا کي اطلاع ڏين، جيئن مئل ڪتي کي فوري طور ڪٽائي مناسب هنڌ تي منتقل ڪري صفائي جو عمل مڪمل ڪيو وڃي. ٽائون انتظاميا شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته رولو ڪتن خلاف جاري مهم ۾ انتظاميا سان ڀرپور سهڪار ڪن ۽ شهر کي صاف، محفوظ بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

### بقايا عوامي سوچ 29

د ڪئي وئي، جنهن ۾ علمي، ادبي ۽ قانوني شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب دوران مختلف مقررن سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي اهميت، ان جي افاديت ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ قانوني اصطلاحن جي واڌاري بابت پنهنجا ويچار ونڊيا. تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ يونيورسٽي جامشورو جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري، ڊاڪٽر سيد سردار شاهه، ڊڪشنري جي ليکڪ ايڊووڪيٽ عبدالغفار هنگورو، ايڊووڪيٽ اياز حسين تنيو سيد شهزاد شاهه ۽ ڊاڪٽر ظفر جوڻيجو سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري تي پنهنجا خيال پيش ڪيا. مقررن پنهنجي خطابن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، قانوني علم جي واڌاري ۽ قانوني اصطلاحن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ اجاگر ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڀريو. هنن چيو ته اهڙي قسم جون ڊڪشنريون سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ قانوني ذخيري ۾ اهم اضافو ثابت ٿي سگهن ٿيون ۽ شاگردن، وڪيلن، محققن ۽ عام پڙهندڙن لاءِ فائديمند ثابت ٿينديون. تقريب دوران سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي تياري ۽ ان جي افاديت کي ساراهيندي، سنڌي ٻوليءَ کي جديد علم، قانون ۽ تحقيق جي شعبن سان ڳنڍڻ جي اهميت تي پڻ روشني وڌي وئي. مقررن ڊڪشنري جي تياري ۾ ڪيل ڪوشش کي ساراهيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ اهڙن علمي منصوبن کي جاري رکڻ جي ضرورت تي زور ڀريو تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري کي سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ قانوني سفر ۾ هڪ اهم قدم قرار ڏيندي، ان جي وڌيڪ پذيرائي ۽ استعمال لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو

### بقايا عوامي سوچ 30

ڪيٽ جنرل سنڌ ۽ ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڌرين کان 7 آڪٽوبر تائين جواب طلب ڪري ورتو. درخواستگذارن جي وڪيل محمد واوڊا عدالت کي ٻڌايو ته سنڌ اسيمبلي هلندڙ مهيني بلدياتي قانون 2013ع ۾ ترميم ڪئي آهي.وڪيل موجب ترميمي قانون تحت سنڌ ۾ موجود چونڊيل ميئر ۽ چيئرمين نون چونڊن تائين پنهنجو ڪم جاري رکندا.محمد واوڊا دليل ڏيندي چيو ته قانون ۾ واضح طور ڪائونسل، ميئر ۽ چونڊيل چيئرمينن جي مدت چئن سال مقرر ٿيل آهي.عدالت پڇاڻو ڪيو ته "هي قانون اوهان کي ڪيئن متاثر ڪري رهيو آهي؟"وڪيل موقف اختيار ڪيو ته نيون ترميمون موجوده قانون جي شقن سان ٽڪراءِ ۾ آهن.وڪيل چيو ته قانون جي سيڪشن 21 تحت چونڊيل نمائندن جي مدت چار سال مقرر ٿيل آهي، جڏهن ته تازي ترميم ذريعي چونڊيل نمائندن کي غيرمحدود عرصي تائين عهدي تي برقرار رکڻ جو رستو کوليو ويو آهي.وڪيل وڌيڪ دليل ڏنو ته ڪيترائي پيرا بلدياتي چونڊون ٽن، ٽن يا چئن، چئن سالن تائين نٿيون ٿين. اهڙي صورتحال ۾ چونڊيل نمائندن جي مدت 7 يا 8 سال تائين وڌي سگهي ٿي. عدالت درخواستن تي وڌيڪ ٻڌڻي 7 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

### بقايا عوامي سوچ 31

جاجي ڪندي دانهيندي چيو آهي ته لوٽي ڪوٽ ۽ جنگهڙيءَ ۾ ريتي بجريءَ جا 3 دڪا ليز تي اسان وٽ آهن. مائينز کاتي سميت لاڳاپيل کاتن جو ٽيڪس اڳ ۾ ئي ڏئي رهيا آهيون پران جي باوجود روشن راڄپر ۽ مقامي باثر ارباب سمون مائينگ ۽ منرل کاتي جي ڪجهه آفيسرن سان گڏجي ريتي ۽ بجري جي في ٽرڪ تي 6 هزار رپيا غيرقانوني ڀتو گهري رهيا آهن ۽ اسان جا دڪا زبردستي بند ڪرايا ويا آهن دڪا بند ٿيڻ سبب اتي ڪم ڪندڙ 600 پورهيت پڻ بيروزگار ٿي ويا آهن هنن وڌيڪ چيو ته ايس ايس پي ۽ ڊي سي جامشورو جي کين پٺڀرائي حاصل آهي، ڀتو نه ڏيڻ تي باثر ۽ پوليس ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين. اسان کي ڪجھ به ٿيو ته ان جا ذميوار روشن راڄپر، ارباب سمون ۽ ايس ايس پي جامشورو هوندا هنن وڌيڪ چيو ته ڄاڻايل باثرن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ايندڙ سومر تي ايس ايس پي جامشورو جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو

### بقايا عوامي سوچ 32

جي دوري تي اوچتو سول اسپتال مٺي پهتو جتي هن اسپتال جي سمورن وارڊ جو معائنو ڪيو ۽ مريضن کان کين ملندڙ علاج معالج جي سهولتن بابت معلومات ورتي هن ان موقعي تي ڊي سي ٿرپارڪر کي هدايت ڪئي ته هو هڪ ڪميٽي ناهي جيڪا اسپتال کي ملندڙ بجيٽ،مريضن ۽ دوائن سميت ٻين خرچن جا تفصيل گڏ ڪري هڪ جامع رپورٽ کيس ڏياري موڪلي ته جيئن اسپتال جي انتظامي ۽ مالي مسئلن کي حل ڪري اسپتال جا حالات بهتر ڪري سگهجن ۽ مريضن کي علاج معالج جون بروقت ۽ بهتر سهولتن جي فراهمي کي يقيني بنائي سگهجي. ڊويزنل ڪمشنر شهمير خان پتو اسپتال بابت ٿيندڙ شڪايتن تي سول اسپتال جي ايم ايس شاهد حسين جنجهي کي هدايت ڪئي ته اسپتال جي انتظامي معاملي کي بهتر بڻايو وڃي جنهن تي سول اسپتال مٺي جي ايم ايس شاهد جنجهي اسپتال ۾ اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن ميل ۽ فيميل جي کوٽ ڄاڻائيندي ٻڌايو ته اسپتال جي او پي ڊي ۾ روزانو جي بنياد تي 12 سو کان 13 مريض اچن ٿا جڏهن ته ڪل 8 وارڊ آهن ،ڊائلاسز سينٽر ،فزيو ٿراپي،هيپاٽائيٽس،ٽي بي ڪنٽرول پروگرام کان علاوه اسپتال ۾ ايڪسري جي سهولت سميت سمورايون ٽيسٽون مفت مهيا ڪيون وڃن ٿيون جڏهن ته هن مهل اسپتال ۾ گائني سميت 220 کان وڌيڪ مريض داخل آهن جڏهن ته اسپتال جي گنجائش ان کان گهٽ آهي، ڊويزنل ڪمشنر اسپتال جي سمورن شعبن جو معائنو ڪيو ۽ اسپتال ۾ لڳل فلٽر پلانٽ جي پاڻي جي چڪاس پڻ ڪرائي ،ڪمشنر دل واري اسپتال جو معائنو پڻ ڪيو،بعد ۾ هن ڊي سي آفيس جي ڪانفرنس هال ۾ ضلعي جي سمورن سرڪاري کاتن جي عملدارن سان گڏجاڻي ڪئي،گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي ڊويزنل ڪمشنر روينيو عملدارن کي هدايت ڪئي ته اهي روينيو سان لاڳاپيل ماڻهن جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪن جڏهن ته سندن کاتن جي متا ستا،سروي نمبرن جي درست داخلا سميت ٻين مسئلن/شڪايتن جي ترت ازالي لاءِ منصفانا قدم کڻن ۽ ڪنهن سان به ناانصافي ٿيڻ نه ڏين. هن هدايت ڪئي ته رڪارڊ ۾ فوٽي توڙي وڪرو ڪندڙ ۽ خريد ڪرڻ واري جو کاتو ڪرڻ وقت وڏي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وڃي ته جيئن جعلي کاتن جي ڏاڪلاواري صورتحال کان بچي سگهجي، هن چيو ته رڪارڊ اپ ڊيٽ ڪرڻ ۾ مکيه ڪردار ٽپيدار ۽ مختيارڪار جو هوندو آهي تنهن ڪري ٻنهي جي وڏي ذميواري آهي،هن پٽوال،ديهه جو پنجون فارم تيار ڪرڻ سميت ٻين معاملن جي معلومات حاصل ڪئي، هن چيو ته فيلڊ بوڪ کي مناسب طريقي سان ناهيو وڃي هن چيو ته پٽوال سان آباد ۽ غير آباد زمين جي صورتحال ۽ پوک بابت خبرپوي ٿي جنهن لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر کي فيلڊ ۾ رهي ماڻهن سان ملڻ گهرجي ۽ پنهنجي ذميواري کي محسوس ڪندي ماڻهن سان دوستاڻا رويو رکن. هن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي اها به هدايت ڪئي ته اهي سرڪاري زمين ۽ گئوچرن تي ٿيل قبضن کي هٽائڻ لاءِ مهم شروع ڪن ۽ قبضيدارن خلاف ڪاروائي ڪن. هن اها به هدايت ڪئي ته شهرن ۾ وڌندڙ مهنگائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ مارڪيٽن جا اوچتا دورا ڪن. گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي هن وڌيڪ چيو ته صحت،تعليم ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي سندس ترجيحات ۾ شامل آهن جنهن تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو، هن چيو ته ماڻهو سرڪاري ادارن کي ڇڏي خانگي اسڪولن يا اسپتالن جو رخ تڏهن ڪن ٿا جڏهن کين سرڪاري ادارن ۾ اهو ماح ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي، ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص کي ٿرپارڪر ضلعي جي جاگرافيائي بيهڪ ،تعليمي ادارن ۽ صحت سميت ٻين انتظامي معاملن بابت تفصيلي آگاهي ڏني. ڏنل آگاهي تي ڪمشنر پنهنجي اطمينان جو اظهار ڪندي تعليم ۽ صحت جي سهولتن ۾ وڌيڪ بهتري آڻڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو هن چيو ته کيس حيرت ٿي آهي ته مٺي ۾ ايشيا جو وڏي ۾ وڏو آر او پلانٽ بند پيو آهي هن ان جو سختي سان نوٽيس وٺندي ضلعي ۾ موجود سمورن آر او پلانٽس کي فوري طور بحال ڪري کيس رپورٽ پيش ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي، گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر ون ميرپورخاص سپاش چندر ،ڊي سي ٿر عبدالحليم جاگيراڻي ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز،ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ٿرپارڪر هاشم مسعود، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿرپارڪر ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي، سميت ضلعي جي سمورن سرڪاري کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي پنهنجي کاتي جي ڪارڪردگي بابت ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص شهمير خان پتو کي تفصيلي آگاهي پڻ ڪئي.

### بقايا عوامي سوچ 33

ن کان اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ رعايتي قرضن جي پاليسي متعارف ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته درآمد ٿيل گئس تي هلندڙ بجلي گهرن تي انحصار گهٽائي ملڪ کي صاف ۽ مقامي توانائيءَ ڏانهن منتقل ڪرڻ تي زور ڏنو ويو. مٺي ۾ شڪار فائونڊيشن سنڌ پاران انڊس ڪنسورشيم جي سهڪار سان "درآمد ٿيل ٻارڻ کان آزادي: توانائيءَ جو تحفظ ۽ صاف سفرو سفر" جي عنوان سان عوامي فورم منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ اسيمبلي ميمبرن، توانائيءَ جي ماهرن، تعليمي ماهرن، صحافين، سماجي تنظيمن ۽ ماحولياتي ڪارڪنن شرڪت ڪئي. فورم کي خطاب ڪندي شڪار فائونڊيشن جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر عابد چنا، ٽيرٽ جهانگي ۽ نديم روشن شاهه سميت ٻين مقررن چيو ته درآمد ٿيل گئس ۽ ٻارڻ تي ڀاڙڻ سبب ملڪ کي توانائيءَ جي شعبي ۾ وڌندڙ خرچن ۽ کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. شرڪت ڪندڙن چيو ته ٽرانسپورٽ جو شعبو پڻ درآمد ٿيل ٻارڻ جي قيمتن ۾ واڌ کان متاثر ٿيو آهي، تنهن ڪري اليڪٽرڪ گاڏين ڏانهن منتقلي ضروري آهي. فورم ۾ اسٽيٽ بئنڪ کان مطالبو ڪيو ويو ته بجليءَ تي هلندڙ گاڏين لاءِ خاص رعايتي قرضن جي پاليسي جو اعلان ڪيو وڃي، جنهن سان ڪمرشل بئنڪن کي اليڪٽرڪ گاڏين لاءِ آسان شرطن تي قرض فراهم ڪرڻ جي همٿ افزائي ٿئي. موجوده موٽر سائيڪلن ۽ رڪشن کي اليڪٽرڪ نظام تي منتقل ڪرڻ سان گڏ يونيورسٽين جي شاگردن، خاص طور تي شاگردياڻين، لاءِ به اهڙين گاڏين تائين رسائي آسان بڻائڻ تي زور ڏنو ويو فورم ۾ قابل تجديد توانائيءَ تي هلندڙ چارجنگ اسٽيشنن جو نيٽ ورڪ وڌائڻ، سج ۽ هوا مان مقامي صاف توانائي پيدا ڪرڻ، بيٽري اسٽوريج ۽ بجليءَ جي گرڊ کي جديد بڻائڻ جون تجويزون پڻ پيش ڪيون ويون. شرڪت ڪندڙن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته درآمد ٿيل آر ايل اين جي تي انحصار گهٽايو وڃي ۽ بجليءَ جي شعبي جي گردشي قرض کي گهٽائڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن. جيئن بجلي عام ماڻهن، واپارين ۽ ننڍن توڙي وچولي درجي جي ڪاروبارن لاءِ وڌيڪ سستي ۽ دستياب بڻجي سگهي.

### بقايا عوامي سوچ 34

جوابدار گرفتار عبوري ضمانتون رد ٿيڻ کان پوءِ سمورن پوليس اهلڪارن کي گرفتار ڪري ڪراچي پوليس حوالي ڪيو ويو. جتان ڪراچي پوليس پاران جوابدارن کي وڌيڪ جاچ لاءِ ايف آءِ اي حوالي ڪرڻ جا اطلاع آهن. ڄاڻايل ڪيس ۾ فريادي ڌر جو موقف رهيو آهي ته ارشد عرف ارشو ڪورڪاٽي کي پوليس ڳوٺ مان گرفتار ڪرڻ بعد جڙتو مقابلو ڄاڻائي قتل ڪيو. جڏهن ته جوابدار پوليس اهلڪارن جو موقف آهي ته ارشد عرف ارشو ڪورڪاٽي کي پوليس پڪٽ تي جهڙتي دوران روڪيو ويو جتان هن مبينا طور فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن بعد پوليس مقابلو ٿيو ۽ هو مارجي ويو ڪيس ۾ سپريم ڪورٽ پاران پوليس آفيسرن جون عبوري ضمانتون رد ٿيڻ کان پوءِ گرفتاريون اهم اڳڀرائي قرار ڏنيون پيون وڃن

### بقايا عوامي سوچ 35

ي لاءِ وقت ڏيو عدالت بريت خلاف اپيلن جي ٻڌڻي اڻڄاڻل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي. سيشن جج ڏکڻ انمول عرف پنڪي ۽ سندس ساٿين کي ٽن منشيات ڪيسن ۾ بري ڪري ڇڏيو آهي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

# بابا جنگشاهي رحمت الله عليه جي سالياني عرس جون تياريون جاري، روڊ جي مرمت جو ڪم شروع

درگاهه حضرت جنگشاهي پير رحمت الله عليه جي سالياني عرس مبارڪ جون تياريون زور شور سان جاري

عرس مبارڪ ۾ شرڪت لاءِ ايندڙ پانڌيئڙن ۽ زائرين جي سهولت خاطر جنگشاهي شهر کان درگاهه شريف تائين روڊ جي مرمتي جو ڪم پڻ جاري آهي

ڪنڊ ڪڙڇ مان وڏي انگ ۾ مريد، عقيلتمند ۽ زائرين شرڪت ڪندا، تنهن ڪري روڊ سميت بنيادي سهولتن جا انتظام مڪمل ڪرڻ ضروري آهن

جنگشاهي (رپورٽر (بابا جنگشاهي رحمت الله عليه جي سالياني عرس جون تياريون جاري، روڊ جي مرمت جو ڪم شروع درگاهه حضرت جنگشاهي پير رحمت الله عليه جي سالياني عرس مبارڪ جون تياريون زور شور سان جاري آهن. عرس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

## روهڙي ۾ غوثِ پاڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جي شان ۾ سالياني روحاني محفل

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۾ غوثِ پاڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني جي شان ۾ سالياني /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

## روهڙي انتظاميا عدالتي حڪم باوجود مينهن جا واڙا شهر کان ٻاهر منتقل ڪرائڻ ۾ ناڪام

روهڙي (رپورٽر) روهڙي انتظاميا عدالتي حڪم باوجود مينهن جا واڙا شهر کان ٻاهر منتقل ڪرائڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

# جنگشاهي سماجي اڳواڻ منير بروهي جي دولت خاني تي يارهين شريف جي روحاني محفل

محفل ۾ نعت خوانن حضور نبي ڪريم صہ ۽ غوث پاڪ جي شان ۾ گلاءِ عقيدت جا نذرانا پيش ڪيا

اولياءَ الله اهي برگزيده هستيون آهن، جن جي فيض، اخلاص ۽ محبت سان دنيا جي مختلف حصن ۾ اسلام جو پيغام عام ٿيو

آخر ۾ مرحوم فقير نبي بخش بروهي ۽ سمورن مرحومين جي ايصالِ ثواب لاءِ دعا گهري وئي، جڏهن ته شرڪت ڪندڙن ۾ لنگرِ غوثيه پڻ تقسيم ڪيو ويو

جنگشاهي) ر پورٽر )جنگشاهي سماجي اڳواڻ منير بروهي جي دولت خاني تي يارهين شريف جي روحاني محفل جنگشاهي جي سماجي اڳواڻ منير بروهي جي دولت خاني تي غوث پاڪ حضرت سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رحہ جي يارهين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

## غلام الله لڳ ور شهر جو رهواسي غريب پورهيت اڪبر پٽ فقير ڪافي ٽائيم کان بيماري سبب بستري پيو

مالي سهائتا نه ٿيڻ ڪري فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور

جيئن هو ۽ سندس ٻچڙا فاقاڪشي واري زندگي مان نڪري سگهن

غلام الله (رپورٽ بابوجان هنگورجو) غلام الله لڳ ور شهر جو رهواسي غريب پورهيت اڪبر پٽ فقير ڪافي ٽائيم کان بيماري سبب ببستري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

جشن غوث الاعظم مبارڪ هو

# جوهي ۾ "امپورٽڊ فيول کان آزادي: انرجي سيڪيورٽي ۽ ڪلين موبلٽي کي يقيني بڻائڻ" Xعنوان هيٺ پبلڪ فورم جو انعقاد

فورم ۾ پارليامينٽرين، اڪيڊمڪس، ميڊيا پرسن، سول سوسائٽي نمائندن، ماحولياتي ڪارڪنن ۽ رينيوبل انرجي ڊولپرز شرڪت ڪئي

وچ اوڀر واري جنگ کان پوءِ آر ايل اين جي کوٽ سبب قيمتن ۾ واڌ ۽ بجلي جي کوٽ پيدا ٿي آهي

فيبروري کان مئي 2026 تائين پيٽرول جون قيمتون 50 سيڪڙو کان وڌيڪ وڌي ويون آهن

جوهي( رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) وليج شاد آباد آرگنائيزيشن (VSO)، جيڪا گرو گرين نيٽورڪ جي ميمبر آهي، انڊس ڪنسورشيم جي سهڪار سان جوهي ۾ "امپورٽڊ فيول کان آزادي: انرجي سيڪيورٽي ۽ ڪلين موبلٽي کي يقيني/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

# نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن خلاف ايس ٽي پي جي عوامي رابطا مهم

ڊاڪٽر قادر مگسي 28 سيپٽمبر تي ٺٽي ضلعي جي مختلف شهرن جو دورو ڪندو، ڳاڙهي ۾ جلسي عام کي خطاب ڪندو

عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ پريس ڪلب ڳاڙهو ۾ اهم پريس ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

زوار علي پيروزاڻي، معشوق پيروزاڻي سميت مقامي قيادت ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڪيٽي بندر(رپورٽر نادر علي خليفو)نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن خلاف ايس ٽي پي جي عوامي رابطا مهم ڊاڪٽر قادر مگسي 28 سيپٽمبر تي ٺٽي ضلعي جي مختلف شهرن جو دورو ڪندو، ڳاڙهي ۾ جلسي عام کي خطاب ڪندو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

پريس ڪلب ڪيٽي بندر ڳاڙهو
PRESS CLUB KETI B GARHO
2026/09/25 15:38
Sagar Ali Manjhwani

## مڪي هندو مندر ۾ ڪالڪا ماتا ديوي جي ميلي کان اڳ مختلف علائقن مان ياترين جي آمد جو سلسلو جاري

روهڙي(رپورٽر) روهڙي پرسان لوڪو شيڊ واري علائقي ۾ قائم وال مڪي هندو مندر ۾ ڪالڪا ماتا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

## انسپيڪٽر نويد الطاف عيدن انچارج آئي ڊپارٽمينٽ سول اسپتال ڪراچي ۽ ٻيا معزز مهمان نيشنل پريس ڪلب تي پهتا

بدين (رپورٽ رجب راهمون ) آئي جي سنڌ جي فوڪل پرسن چيئرمين FPCCIڪنوينر اسٽين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

# مٺي جي لوهار محلي جي رهاڪو پوجي ميگهواڙ احتجاج

سندس پٽ سورج ڪمار بليڪ ميلنگ ۽ ذهني دٻاءُ کان تنگ اچي نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا واري حد ۾ مبينا طور خودڪشي ڪري ڇڏي

سندس پٽ کي ونود ڍرماڻي ۽ سندس ٻئي دوستن، جن ۾ دسرت پرمار، ڪمليش ۽ ٻيا شامل آهن

موبائيل نمبر تان مسلسل بليڪ ميل ڪري ذهني طور پريشان ڪندا هئا، جنهن جي نتيجي ۾ هن 29 جون 2026 تي انتهائي قدم کنيو

مٺي (ڊ.ر محمدرحيم مگريو) مٺي جي لوهار محلي جي رهاڪو پوجي ميگهواڙ احتجاج ڪندي چيو آهي ته سندس پٽ سورج ڪمار بليڪ ميلنگ ۽ ذهني دٻاءُ کان تنگ اچي نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا واري حد ۾ مبينا طور خودڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

# ڏوڪري سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران 11 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ سنڌ وحدت مارچ جو اعلان

سنڌ جي تاريخي، جاگرافيائي ۽ آئيني وحدت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو

سنڌ هزارين سالن کان هڪ تاريخي ۽ متحد خطو آهي، تنهن ڪري ان جي جاگرافيائي حيثيت ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي يا مداخلت سنڌ جي عوام لاءِ ناقابل قبول آهي

لاڙڪاڻي ۾ ٿيندڙ مارچ جو مقصد سنڌ جي بقا، سلامتي ۽ حقن بابت عوامي آواز کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ آهي

ڏوڪري( رپورٽر) ڏوڪري سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران 11 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ سنڌ وحدت مارچ جو اعلان تفصيل موجب ڏوڪري ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) سنڌ جي وحدت ۽ جاگرافيائي سالميت جي حمايت ۾ 11 آڪٽوبر تي ل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

DOKRI PRESS CLUB
ڏوڪري پريس ڪلب تعلقه ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو

## سجاول قتل ڪيس ۾ نامزد 3 جوابدار عدالت مان باعزت پري

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ )سجاول قتل ڪيس ۾ نامزد 3 جوابدار عدالت مان باعزت پري فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج سجاول سيد اعجاز علي شاهه جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي جاٽايل جوابدار عبدالستار موچي محمد رمضان موچي ۽ پنهل موچي کي باعزت بري ڇڏيو آهي فريادي رمضان ٻارڻ جاتي ٽاٽي تي ايف آئي آر 67/2024 تحت ڪيس داخل ڪرايو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

# سرڪاري نوڪرين لاءِ هڪ ڪروڙ ستر لک وٺڻ جو الزام

رٽائرڊ سرڪاري وڪيل جو تعليم کاتي جي ٻن آفيسرن خلاف احتجاج، پريس ڪانفرنس

جيڪڏهن ڪيس يا سندس خاندان کي ڪو نقصان پهتو ته ان جا ذميوار جاٽايل آفيسر هوندا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو جي ڳوٺ پائي خان لاشاري جي رهواسي ڊسٽرڪٽ سيشن ڪورٽ جي رٽائرڊ سرڪاري وڪيل قادر بخش لاشاري دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي تعليم کاتي جي اڳوڻي اي ڊي او عبدالقادر لاشاري ۽ ڪراچي ۾ ڊيوٽي ڪندڙ اي ڊي او امداد حسين لاشاري تي نوڪرين جا آرڊر ڏيڻ جي نالي ۾ وڏي رقم وٺڻ ۽ بعد ۾ مبينا فراڊ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

## باعزت پري فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج سجاول سيد اعجاز علي شاهه جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت

ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي جاٽايل جوابدار عبدالستار موچي محمد رمضان موچي ۽ پنهل موچي کي باعزت بري ڇڏيو

فريادي رمضان ٻارڻ جاتي ٽاٽي تي ايف آئي آر 67/2024 تحت ڪيس داخل ڪرايو

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ )سجاول قتل ڪيس ۾ نامزد 3 جوابدار عدالت مان باعزت پري فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج سجاول سيد اعجاز علي شاهه جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جاٽايل جوابدار عبدالستار موچي محمد رمضان موچ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

# سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت تخليقڪار محمد علي ميرجت جي ياد ۾ احساس لائبريريءَ ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو

جنهن صدارت سنڌي ادبي سنگت ضلعي ٽنڊي الهيار جي رابطا سيڪريٽري مسڪين سمو ڪئي

پر تخليقڪار، مرڻ کان پوءِ به پنهنجين تحريرن ۽ تخليقن ۾ جيئرو رهندو

اوڏيرولال(رپورٽر)سنڌي ادبي سنگت شاخ اڏيرولال اسٽيشن پاران سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت تخليقڪار محمد علي ميرجت جي ياد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

# دادو ۾ منشيات فروشن خلاف پوليس جو ڪريڪ ڊائون، 7 جوابدار گرفتار، چرس ۽ گٽڪا برآمد

ڊي ايس پي سٽي جي سربراهي ۾ دادو اي سيڪشن ۽ بي سيڪشن ٿاڻن جي پوليس مختلف هنڌن تي ڇاپا

قبضي مان ڏيڍ ڪلو کان وڌيڪ چرس ۽ گٽڪا/ڇاليه جا 41 پيڪٽ هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) ايس ايس پي دادو ڪئپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي دادو شهر ۾ منشيات فروشن خلاف پوليس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

# غلام قادر پالاري گڏريل ڪافي عرصي کان موذي مرض ۾ مبتلا هجڻ سبب سخت پريشان

بيماري ۽ بيروزگاري سندس خاندان جون معاشي حالتون انتهائي خراب ڪري ڇڏيون آهن

ڪافي عرصي کان بيماري ۾ مبتلا آهي، جنهن سبب هو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جهمپير واسي مسڪين پورهيت غلام قادر پالاري گڏريل ڪافي عرصي کان موذي مرض ۾ مبتلا هجڻ سبب سخت پريشان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

# مڇي نيلام ٿيڻ باوجود مڪلي تي درگا محمد علي شا ويجهو ٺهيل مڇي مارڪيٽ قائم ٿيڻ جو انڪشاف

پر انتظاميه ان جي خلاف ڪا به انڪوائري توڙي جانچ شروع ناهي ڪئي وئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي شهر ۾ قانوني طور مڇي مارڪيٽ قائم ٿيڻ توڙي مڇي نيلام ٿيڻ باوجود مڪلي تي درگا محمد علي شا ويجهو ٺهئي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

# زائرين عورت تي بدمست پوليس اهلڪار جو مبينا تشدد، پوليس اهلڪار خلاف جاچ جو مطالبو

عورت مسمات سيد شبنم بانو مبينا طور پوليس اهلڪار سڪندر خليفي هٿان تشدد جو شڪار ٿيڻ جي شڪايت

متاثر عورت لاڳاپيل پوليس اختيارين کان واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو

ٺٽو( رپورٽ واحدشورو) ٺٽي جي مشهور درگاهه تي سکر کان آيل زائرين عورت تي بدمست پوليس اهلڪار جو مبينا تشدد. پوليس اهلڪار خلاف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

# بدي جي سگ تان مبينا جهيڙو، عورتن تي تشدد ۽ ڌمڪين جو الزام

ڳوٺ سلطان آبادي جي رهواسي مصطفيٰ ولد قادو ٿهيم ميڊيا آڏو ڏانهون

سندس پيءُ اقبال ٿهيم جي گهر ۾ آهي، جيڪا بدي جي سڱ طور اقبال کي ڏني وئي هئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) بدي جي سگ تان مبينا جهيڙو، عورتن تي تشدد ۽ ڌمڪين جو الزام ڳوٺ سلطان آبادي جي رهواسي مصطفيٰ ولد قادو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

# ايس ٽي پي ضلعي ٺٽي جي صدر سيد جلال شاهه پريس ڪانفرنس

پارٽي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي 28 سيپٽمبر تي ٺٽي ضلعي جو دورو ڪندو

ڳوٺن توڙي علائقن جو دورو ڪري عوام کي ان مهم ۽ جلسي عام ۾ شريڪ ٿيڻ جون دعوتون ڏنيون پيون وڃن

ڳاڙهو (رپورٽ: جاويد علي خاصخيلي) نون صوبن ۽ نئين انتظامي يونٽن خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) جي سنڌ منهنجي امان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ايس ٽي پي ضلعي ٺٽي جي صدر سيد جلال شاهه پريس ڪانفرنس

# ٺٽي پوليس جون ڪارروايون، 15 جوابدار گرفتار

9 مبينا گٽڪا فروشن ۽ 6 مبينا منشيات فروشن سميت 15 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

گٽڪا ايڪٽ، نارڪوٽڪس ايڪٽ ۽ منشيات آرڊيننس تحت ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي پوليس جون ڪارروايون. 15 جوابدار گرفتار ٺٽي پوليس مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪندي 9 مبينا گٽڪا ف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

# ڳوٺ رسول بخش بروهي مڪلي جي نوجوان جو مبينا حملي خلاف احتجاج

انور شورو ۽ چار نامعلوم ماڻهن پاران علي شير پنهور تي لٺين ۽ پٿرن سان مبينا حملو ڪيو ويو

گل محمد شورو انور شورو ۽ چار نامعلوم ماڻهون خلاف قانون ڪين گرفتار ڪري ساڻن انصاف فراهم ڪيو وڃي

ٺٽو: (رپورٽ واحدشورو) ڳوٺ رسول بخش بروهي مڪلي جي نوجوان جو مبينا حملي خلاف احتجاج ڳوٺ رسول بخش بروهي مڪلي جي رهوا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

# چوهڙجمالي ۾ هاءِ اسڪول جي ڇهين ڪلاس جي شاگرد کي جوابدار پاران ڇرن جا وار ڪري زخمي ڪري وڌو

شاگرد افضل پٽ محمد حسن خاصخيليءَ کي بائي پاس روڊ تي نادرا آفيس وٽ جوابدار ڇرن جا وار ڪري سخت زخمي ڪري وڌو

ڪيس رورل هيلٿ سينٽر چوهڙجمالي آندو ويو، وڌيڪ علاج لاءِ ڪيس مڪلي سول اسپتال ٺٽو ريفر ڪيو ويو

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني )چوهڙجمالي ۾ هاءِ اسڪول جي ڇهين ڪلاس جي شاگرد کي جوابدار پاران ڇرن جا وار ڪري زخمي ڪري وڌو،زخ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

# راشد خاصخيلي جي داداگيرن پاران صحافي ۽ قومي ڪارڪن عرفان عالماڻي مٿان ٿيل حملي جي سخت مذمت ڪيون ٿا: نياز ڪالاڻي

اسان جا قومي ڪارڪن، صحافي محفوظ ناهن، عرفان عالماڻي جنهن جاءِ تي ميڊيا سينٽر ٺاهيو پئي اها صفوران ٽائون جي ملڪيت ناهي

داداگيري ڪري صفوران ٽائون جي عملي ميڊيا سينٽر کي ڊاٺو ۽ عرفان عالماڻي سميت ٻين دوستن تي تشدد ڪيو

ٽائون جي ملڪيت ثابت نه ٿي ٿئي ته تدارڪ ڪري، ان ڏاڍائي خلاف احتجاج ڪنداسين

ملير (ڊ.ر) جسقم (رپورٽر) جي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو آهي ته صفوران ٽائون ڪراچي جي چيئرمين راشد خاصخيلي جي داداگيرن پاران صحافي ۽ قومي ڪارڪن عرفان عالماڻي مٿان ٿيل حملي جي سخت مذمت ڪيون ٿا ۽ ڪيس چتاءُ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

# ميرپورخاص ڪيش ڦرڻ جي مبينا واردات بابت اطلاع ڪوڙو ثابت

ٽاٽو سيٽلائيٽ ٽائون جي حدن ۾ بروهي بلوچستان هوٽل پرسان 22 سيپٽمبر 2026ع تي ڪيش ڦرڻ جي مبينا واردات بابت پوليس کي اطلاع مليو

ٻن نامعلوم هٿيار بندن گن پوائنٽ تي ڪائنس 7 لک 10 هزار رپيا ڦري ڪري ورتا. ميرپورخاص پوليس پاران واقعي جي فوري طور جاچ ۽ تصديق ڪئي وئي

ميووپيپل پنهنجي ذمي واجب الادا قرض جي رقم بابت ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ لاءِ پوليس کي ڪيش ڦرڻ جي ڪوڙي اطلاع ڏني هئي

ميرپورخاص (رپورٽر)ميرپورخاص ڪيش ڦرڻ جي مبينا واردات بابت اطلاع ڪوڙو ثابت ٽاٽو سيٽلائيٽ ٽائون جي حدن ۾ بروهي بلوچستان هوٽل پرسان 22 سيپٽمبر 2026ع تي ڪيش ڦرڻ جي مبينا واردات بابت پوليس کي اطلاع ملي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

# قتل ڪيس ۾ ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي عدالت ٽن جوابدارن کي باعزت بري ڪري ڇڏيو

ٽن جوابدارن عبدالستار موچي، محمد رمضان موچي ۽ پنهل موچي تي ايف آئي آر نمبر 67/2024 داخل ڪرائي

گذريل ڏينهن فرسٽ اينڊ سيشن جج سجاول سيد اعجاز علي شاهه جي عدالت فيصلو

سجاول (رپورٽر) قتل ڪيس ۾ ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي عدالت ٽن جوابدارن کي باعزت بري ڪري ڇڏيو ان ڏس ۾ جاتي ٽاٽي تي فريادي رمضان ٻاڙڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

# ڏگهڙي شهر ۾ رولو ڪتن خلاف مهم شروع ڪئي وئي آهي: ٽائون انتظاميا ڏگهڙي

ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي جي انتظاميا پاران شهر ۾ رولو ڪتن خلاف ڪتا مار مهم شروع ڪئي وئي

مهم دوران ٽائون ڪميٽي جون سينٽري ٽيمون شهر جي مختلف علائقن ۾ رولو ڪتن خلاف ڪتا مار مهم هلندڙ آهي

رولو ڪتن خلاف جاري مهم ۾ انتظاميا سان ڀرپور سهڪار ڪن ۽ شهر کي صاف، محفوظ بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

ڏگهڙي (رپورٽر) ڏگهڙي شهر ۾ رولو ڪتن خلاف مهم شروع ڪئي وئي آهي ٽائون انتظاميا ڏگهڙي ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي جي انتظاميا پاران شهر ۾ رولو ڪتن خلاف ڪتا مار مهم شروع ڪئي وئي آهي. مهم دوران ٽائون ڪمي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

# قانون جي پهرين سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي مهورتي تقريب، مقررن پاران ڊڪشنري جي اهميت ۽ فائدن تي خيالن جو اظهار

تقريب دوران مختلف مقررن سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي اهميت، ان جي افاديت ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ قانوني اصطلاحن جي واڌاري بابت پنهنجا ويچار ونڊيا

ايڊووڪيٽ اياز حسين ٽنيو، سيد شهزاد شاهه ۽ ڊاڪٽر ظفر جوڻيجو سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري تي پنهنجا خيال پيش

مقررن پنهنجي خطابن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، قانوني علم جي واڌاري ۽ قانوني اصطلاحن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ اجاگر ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو

حيدرآباد (رپورٽر)سنڌي ٻوليءَ ۾ قانوني اصطلاحن ۽ قانوني علم کي عام فهم وارو بڻائڻ لاءِ نامور ايڊووڪيٽ عبدالغفار هنگورو جي تيار ڪيل قانون جي پهرين سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي مهورتي تقريب منعق/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

حيدرآباد: قانون جي پهرين سنڌي ليگل ليڪسيڪون ڊڪشنري جي مهورتي تقريب جو ڏيک

# بلدياتي ترميمي قانون خلاف جماعت اسلامي جي آئيني درخواستن جي ٻڌڻي

سنڌ حڪومت، ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ ۽ ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڌرين کان 7 آڪٽوبر تائين جواب طلب

ترميمي قانون تحت سنڌ ۾ موجود چونڊيل ميئر ۽ چيئرمين نون چونڊن تائين پنهنجو ڪم جاري رکندا: وڪيل

تازي ترميم ذريعي چونڊيل نمائندن کي غيرمحدود عرصي تائين عهدي تي برقرار رکڻ جو رستو کوليو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بئنچ جي جسٽس يوسف سعيد تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ۾ بلدياتي ترميمي قانون خلاف جماعت اسلامي جون آئيني درخواستون جي ٻڌڻي ٿي. وڪيل جا دليل ٻڌڻ بعد سنڌ حڪومت، ايڊوو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

# دڪن تي ڪم ڪندڙ پورهيتن وڏيرو نياز ڪوسو مير خان شورو، سجاد شورو، ڪامريڊ علي ڪوسوءَ جي اڳواڻي ۾ احتجاج

لوٽي ڪوٽ ۽ جنگهڙيءَ ۾ ريتي بجريءَ جا 3 دڪا ليز تي اسان وٽ آهن، مائينز کاتي سميت لاڳاپيل کاتن جو ٽيڪس اڳ ۾ ئي ڏئي رهيا آهيون

منرل کاتي جي ڪجهه آفيسرن سان گڏجي ريتي ۽ بجري جي في ٽرڪ تي 6 هزار رپيا غيرقانوني ڀتو گهري رهيا آهن

اسان جا دڪا زبردستي بند ڪرايا ويا آهن دڪا بند ٿيڻ سبب اتي ڪم ڪندي 600 پورهيت پڻ بيروزگار ٿي ويا آهن

ڄامشورو(رپورٽر)ڪوٽڙي ويجهو لوٽي ڪوٽ ۽ جنگهڙي جي ريتي بجري جي دڪن جي مالڪن ۽ ٽرانسپورٽرن توڙي دڪن تي ڪم ڪندڙ پورهيتن وڏيرو نياز ڪوسو مير خان شورو، سجاد شورو، ڪامريڊ علي ڪوسوءَ جي اڳواڻي ۾ احت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

## ڪمشنر ميرپورخاص پاران سول اسپتال مٺي جو دورو، سمورن وارڊن جو معائنو

مٺي /ٿرپارڪر :(رپورٽر) ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص شهميرخان پٺو اڄ پنهنجي هڪ ڏينهن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

## مٺي ۾ سُڪار فائونڊيشن سنڌ پاران عوامي فورم جو انعقاد

مٺي /ٿرپارڪر :(رپورٽر) فائونڊيشن سنڌ ۽ گرو گرين نيٽ ورڪ پاران اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

ڄامشورو: دڪن تي ڪم ڪندڙ پورهيتن وڏيرو نياز ڪوسو مير خان شورو، سجاد شورو، ڪامريڊ علي ڪوسوءَ جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي

# سنجهورو لڳ ڪنگ پٽي موري پوليس پڪٽ تي فائرنگ دوران پراسرار نموني فوت ٿيل ارشد عرف ارشو ڪورڪاڻي ڪيس ۾ وڏو قانوني فيصلو

اڳوڻي ايس ايڇ او سنجهورو رحم حسين واساڻ سميت پوليس کاتي جي 6 عملدارن جون عبوري ضمانتون رد

سيئي جوابدار گرفتار عبوري ضمانتون رد ٿيڻ کان پوءِ سمورن پوليس اهلڪارن کي گرفتار ڪري ڪراچي پوليس حوالي ڪيو ويو

سانگهڙ (رپورٽر)سنجهورو لڳ ڪنگ پٽي موري پوليس پڪٽ تي فائرنگ دوران پراسرار نموني فوت ٿيل ارشد عرف ارشو ڪورڪاڻي ڪيس ۾ وڏو قانوني فيصلو سامهون اچي ويو سپريم ڪورٽ پاران اڳوڻي ڊي ايس پي سنجهورو عابد بروهي، اڳوڻي ايس ايڇ او سنجهورو رحم حسين واساڻ سميت پوليس کاتي جي 6 عملدارن جون عبوري ضمانتون رد. سيئ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34

# پنڪي جي بريت خلاف سرڪاري اپيلين جي تڪڙي ٻڌڻي جي درخواست رد

سنڌ هاءِ ڪورٽ منشيات فروش انمول عرف پنڪي جي بريت خلاف تڪڙي ٻڌڻي جي درخواست رد ڪري ڇڏي

تياري لاءِ وقت ڏيو، عدالت بريت خلاف اپيلن جي ٻڌڻي اڻڄاڻل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي: پراسيڪيوٽر جنرل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ منشيات فروش انمول عرف پنڪي جي بريت خلاف سرڪاري اپيلين جي تڪڙي ٻڌڻي جي درخواست رد ڪري ڇڏي آهي. پراسيڪيوٽر جنرل عدالت کان درخواست ڪئي ته اسان کي تيار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر35